# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

نمبر ۱، جلد ۱۱
جنوري، فيبروري، مارچ
سال ۱۹۶۴ع



سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ

# الجزائر

**١٨-مارچ ١٩٦٢ع** تي الجزائر ۽ فرانس جي حڪومتن وچ ۾ جنگبنديءَ جو [illegible] ان طرح، الجزائر جي آزاديءَ لاءِ گذريل اٽڪل ساڍن ستن سالن کان هلندڙ خونريز جنگ جو خاتمو ٿيو. انساني تاريخ ۾ آزاديءَ جي اها سڀ کان وڏي جنگ هئي، جنهن ۾ ڏهن لکن کان وڌيڪ انسانن جون حياتيون ڪتب آيون. فرانسي سامراج جي اها ڀريـن شڪست آهي، جنهن سان الجزائر لاءِ آزاديءَ جو دروازو کُليو پيو آهي. الجزائر ۾ فرانس جي حيواني ظلمن، ۽ آزاديءَ لاءِ لڙندڙ مجاهدن جي بيمثال قربانين ۽ سرفروشين جو احوال دنيا تي آشڪار آهي. متواتر جنگ ۾ مصروف رهڻ ڪري، خود فرانس جي اقتصادي ۽ انتظامي صورتحال اهڙي بگڙي چڪي هئي جو ان کي مجبوراً آزاديءَ جي قوتن اڳيان جهُڪڻو پيو. فرانس جي جن رهنمائن اهو سمجهه ڀريو قدم کنيو آهي، تن خود پنهنجي ملڪ کي تباهيءَ کان بچايو آهي. هوئن به، الجزائر جا مظلوم عوام پنهنجيءَ جدوجهد ۾ اڪيلا نه هئا، بلڪ دنيا جي عام راءِ، حق ۽ خير جون قوتون، ۽ انسانيت جو ضمير سندن پشت پناهه رهيو آهي. جيڪا قوم غلام بڻجڻ کان انڪار ٿي ڪري، تنهن کي دنيا جي ڪابه طاقت غلام بنائي نٿي سگهي. دنيا ڏسي ورتو ته ڪيتري به ظلم ۽ دٻاءَ سان جمهوري قوتن کي ڪڏهن به پنهنجي مستقبل کان مايوس نٿو ڪري سگهجي، ۽ نه وري تاريخ جي اٽل ارتقائي قانونن کي ڪڏهن بدلائي ٿو سگهجي.

فرانس ۽ الجزائر جو قضيو ڪو رڳو ٻن ملڪن جو سياسي تڪرار ڪونه آهي، بلڪ ساريءَ انسانذات لاءِ آزاديءَ جي محاذ تي غلاميءَ جي يلغار جو مسئلو آهي: سڄيءَ دنيا لاءِ روشنيءَ ۽ انڌيري جو معاملو آهي. اديب ۽ فنڪار روشنيءَ جا اُپائيندڙ ۽ ان جي حفاظت ڪندڙ آهن. هو آزاديءَ، امن، خير ۽ انسانيت جا مبلغ، ۽ حق ۽ انصاف جي آواز کي تقويت پهچائيندڙ آهن. الجزائر جي ڪاميابيءَ ۾، مجاهدن کان علاوه، خود فرانس جي اديبن جو به وڏو حصو آهي. هونئن ته فرانس جي اديبن کي، الجزائر جي مقابلي ۾، خود فرانس جي ڪارروائين جي ئي پٺڀرائي ڪرڻ کپي ها — ۽ ظاهري طرح شايد اِها ئي سندن حب الوطني چئجي ها. پر حب الوطنيءَ جو مثبت پهلو اِهو نه آهي ته پنهنجي ملڪ جي ظلم ۽ استبداد جي بيجا طرفداري ڪئي وڃي، بلڪ صحيح ائين آهي ته ملڪ جي اصل مفادن کي بين الاقوامي صلح پسنداڻه ۽ امن پرور رجحانن جي روشنيءَ ۾ ڏٺو وڃي. فرانس جي اديبن بين الاقوامي صلح لاءِ جو ڪجهه ڪيو آهي، اهو مثالي حيثيت رکي ٿو. پنهنجي وطن جا گهڻگهرا فرينچ اديب هر وقت پنهنجيءَ حڪومت کان الجزائر سان جنگ بند ڪرڻ جو مطالبو ڪندا رهيا. هنن ڪئين ڀيرا پنهنجا گڏيل اجلاس، بلڪ مظاهرا ڪري، الجزائر جي مسئلي کي پُرامن نموني حل ڪرڻ لاءِ حڪومت تي زور آندو. فرانس جي مشهور نوجوان اديب فرانسوئز ساگان، الجزائر جي مشهور قوم پرست جانباز ڇوڪريءَ 'جميله' جو دردانگيز داستان لکي، سڄيءَ دنيا ۾ ڦهلائي ڇڏيو — جنهن ۾ هن پنهنجيءَ حڪومت جي قهري ڪارنامن تي سخت نڪته چيني ڪئي. بين الاقوامي شهرت يافته اديب، ژان پال سارتر، ڪئين مضمون لکيا، ڪتاب لکيا، ۽ مظاهرن ۽ جلوسن جي اڳواڻي ڪئي. فرانس جا يهودي اديب الجزائر جي مسلمانن سان

# مهراڻ

٣- ڪئنٽومينٽ، حيدرآباد، سنڌ

---

سالیانو چندو
پاڪستان لاءِ 10-0-0 رپيا
ولايت لاءِ 12-0-0 رپيا

في ڪاپي
پاڪستان لاءِ 2-5-0 رپيا
ولايت لاءِ 3-0-0 رپيا

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

اشتهار في صفحو 100-0-0 رپيا

---

Printed and Published by Syed Shah Mohammad Shah, M. A., B.T., Secretary, the Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Tilak Incline, and Book-stall, 3-Cantonment Hyderabad, Sind.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

گنجائش رکي ويٺي آهي. ان مان صاف ظاهر آهي تہ عوام جي راهہ ۽ عمل کي احترام جي نظر سان ڏٺو وڃي ٿو، ۽ عوام کي اوليت جي حيثيت حاصل آهي. ان جي مقابلي ۾ نظام ۽ آئين کي ثانوي درجو ڏنل آهي. آخر ۾ دعا آهي تہ اسان جو وطن پنهنجي نئين دور جي برڪتن سان مالامال ٿئي، ۽ هر مشڪلات سان منهن ڏيڻ سگهہ جيتري همت پيدا ڪري.

هن "آئين" جي بنيادي خصوصيت آهي — هن ملڪ جي عوام جي 'دين' جو تحفظ. اهو ظاهر آهي تہ هتي جي عوام جو مذهب اسلام آهي؛ لهذا هن ملڪ جي بنيادي تقاضائن مان هڪ مکيہ تقاضا اِها آهي تہ هت 'اسلامي نظام' پيدا ٿئي، ۽ مسلم معاشري جي تشڪيل ۽ تعمير ۾ اسلام جي بنيادي قدرن کي اهميت ڏني وڃي. اسلام خود هڪ فڪرانگيز، انقلابي ۽ اصلاحي دين آهي. ان جا اصول زندگيءَ جي صحتمند قدرن جي اصلاح لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿا. اي ڪاش، اسان جو بيروح معاشرو 'دين' تي عمل ڪري، ۽ پنهنجي زندگيءَ کي فڪري ۽ تهذيبي نعمتن سان مالامال ڪري! ان حيثيت سان، اسان جي روشن ضمير اديبن تي بہ فرض آهي تہ هو پنهنجي 'فن' کي اصلاحِ ملت لاءِ وقت ڪن، ۽ انسانيت جي عظيم ورثي جي ترجماني ڪن، جيئن اسان جي پسمانده قوم شعوري ۽ فڪري، سماجي ۽ تهذيبي خيال سان دنيا جي زنده قومن ۾ شمار ٿي سگهجي.

## عظيم دانشورن جون ورسيون.

### خسرو.

حضرت امير خسرو رحہ جو (٦٥٦) ڇهہ سو ڇاونجاهون عرس، هند-پاڪ جي مختلف هنڌن تي، ٢٥-مارچ ٦٢ع تي، وڏي اهتمام سان ملهايو ويو آهي.

خسرو پاڪ و هند جو عظيم صوفي، شاعر، فلسفي، عالم، اديب، موسيقار ۽ صاحب طرز فنڪار جي حيثيت سان، بين الاقوامي عظمت ۽ شهرت حاصل ڪري چڪو آهي. خسرو جي فن جي جامعيت بہ حيرت جهڙي آهي. هڪ طرف وزير باتدبير ۽ رموزِ مملڪت جو دانا، تہ ٻئي طرف عابد ۽ ذاڪر، تصوف ۽ مقامات سلوڪ جو سالڪ، درويش-صفت ۽ پاڪ نهاد. سياست ۽ تهذيب، فن ۽ ادب، تصوف ۽ سلوڪ، موسيقي ۽ سازسرود، شاعري ۽ نثرنگاريءَ تي بيڪ وقت حاوي. صوفيانہ ڪمالات، عشق و رندي، ڪيف و سرمستي، جذب و حسن پرستي جي معاملات ۾ بہ پنهنجو ستَ پاڻ هو. سچ پچ، خسروءَ جهڙيون جامع ڪمالات هستيون تمام ٿوريون پيدا ٿينديون آهن.

سندس شهرت، موسيقار جي حيثيت سان تاريخي عظمت رکي ٿي. خسروءَ پرائين طرزن، راڳڻين، وڄت جي ڌُنن ۾ نئون روح پيدا ڪيو. پنهنجي استادانہ ۽ مجتهدانہ فن سان ايران، عرب ۽ ترڪيءَ جي موسيقيءَ ۽ طرزن کي هندي موسيقيءَ سان پيوند ڪري، نيون نيون راڳڻيون ايجاد ڪيائين. هندي موسيقيءَ ۾ هندستان جي سيني راڳيندڙن ۽ فنڪارن کي شڪست ڏنائين،

ڪلام تصوف ۽ عشق الاهي، معرفت ۽ حڪمت، حسن ۽ جمال جي پاڪيزه جذبات سان پر پل آهي. سندس عشقيہ ڪلام گهٽ آهي. سندس گهڻو تڻو ڪلام مجاهدانہ رجزخوانيءَ تي مشتمل آهي. قادرالڪلامي، زور بيان، ۽ شڪوهِ الفاظ ۾ سندس ڪلام پشتوءَ ۾ اوليت جي حيثيت رکي ٿو. سندس ڪلام سان، تلميحات طور اشعار علامہ اقبال بہ پنهنجي ڪلام ۾ آندا آهن. ان ڪان سواءِ سرحد جي سابق گورنر سر اولف ڪيرو، خوشحال خان جو ڪلام انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري پڻ شايع ڪرايو هو، ۽ مغربي عالمن ڪي هيئن لکي آهو پيش ڪيائين: ”مشهور انگريز شاعر ملٽن جي همعصر، خوشحال خان خٽڪ جي خيالات ڪان مستفيد ٿيڻ گهرجي.“ تازو ’پشتو ايڪيڊمي‘ پشاور پاران سندس فن ۽ سوانح تي جامع ۽ مڪمل ڪتاب اردوءَ ۾ شايع ٿيو آهي.

خوشحال خان ١٦٠٩ع ۾ ڄائو، ۽ ١٦٨٩ع ۾ پشاور جي پرسان وفات ڪيائين.

## سر سيد احمد خان.

٢٧- مارچ ٦٢ع تي، برصغير هند- پاڪ جي مشهور عالم ۽ تعليمي خدمتگذار، سر سيد احمد مرحوم، جي ورسي هندستان ۽ پاڪستان جي علمي ۽ تعليمي حلقن طرفان نهايت اعلي پيماني تي ملهائي ويئي آهي.

سر سيد احمد خان جا وڏا مغلن جي دور ۾ ايران ڪان آيا، ۽ مغلن وٽ وڏن درجن تي فائز رهيا. سر سيد احمد خان جي بزرگن ڪي شاهہ غلام علي نقشبندي دهلويءَ سان دلي عقيدت ۽ ارادت هئي. اهو ئي سبب آهي جو ننڍيءَ عمر ڪان وٺي نقشبنديہ خاندان، خاص طور امام رباني مجدد الف ثاني سان سر سيد احمد ڪي خاص عقيدت هئي. مذهبي ماحول ۾ تربيت حاصل ڪرڻ ڪري، سر سيد هڪ مذهبي ۽ پاڪباز عالم جي حيثيت سان مشهور ٿيو. جديد علوم سان واقفيت پنهنجي ناني خواجہ فريدالدين ڪان حاصل ڪيائين، جو ان دور جو وڏو عالم، فلسفي ۽ رياضيدان هو. ١٨٤٦ع ڪان وٺي مختلف منصب ماٿيندو رهيو. انگريزن جي دور ۾ مسلمانن جي زبون حاليءَ ڪيس ڏاڍو متاثر ڪيو. مسلمانن جي معاشي، تعليمي ۽ مذهبي زوال سان گڏ، ١٨٥٧ع جي بلوي ڪيس جهوري وڌو. ان سان گڏ مسيحي مشنريز، خاص طور سر وليم ميور، حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي پاڪ سيرت تي غليظ حملا ڪيا، جن ڪيس بيتاب ڪري وڌو. ان دور ۾ سر سيد احمد، ملازمت ڪي ترڪ ڪري، مسلمانن جي تعليمي ۽ اصلاحي ڪمن ۾ هٿ ڳنڍيو. ١٨٤٧ع ۾ ”آثارالصناديد“ لکائين. ١٨٥٥ع ۾ ”آئين اڪبري“، ”تزڪ جهانگيري“، ۽ ضياءالدين برنيءَ جي خودنوشت سوانح مرتب ڪيائين. ١٨٥٧ع ۾ ”اسباب بغاوت هند“ لکي، انگريزن تي سخت تنقيد ڪيائين.

تعليمي سلسلي ۾، ١٨٥٩ع ۾ مرادآباد ۾، ۽ ١٨٦٢ع ۾ غازي آباد ۾، اسڪول قائم ڪيائين.

آچا ڪوٽَ پَٽَن ۾، ٿو عمرُ آڏائي،
ڏَمريو ڏيهہَ ڏٺي، ٿو چاچا چاٺائي،
پورو نا پائي، تہ لوڪَ لاڏائو ساعت جو!
- شاهہ .

لنؤُن تنهين سين لاءِ، جنهن لنؤُن لڳي لعلَ ٿين،
ٻئي سين لنؤن ۾ لاءِ، متان ڪَسُ لڳي ڪارو ٿئين.
محبت مُور ۾ مَتِ، چڙ ۾ سَيرُ سِڪڻ جو،
وَٽَتِ جي وَٽَڻَ سين، ڪڏِهين قلب ۾ ڪَتِ،
لنؤُن جي وات ۾ لَتِ، لنؤُن ري حيف هُئڻ ڪي.
سندي دل درياهَ ۾، جانْ وياسون پيهي،
نڪو آدم نه آدمي، نڪي اسين ٿي،
وائي ٿي ويئي، ته هيڪو ٿي هڪ ٿيو.
محبت جنهن جي مَنِ ۾، اڇي ڪري اوطاقَ،
چوڌس ڪري چاڪَ، ٻَسڻ ڪارڻ ٻرينءَ جي.

—

جن دل لائِي دل سين، سي سدائين سَرها،
ٿِيهڙا تازيءَ پُٽِ ٿي، تِيهڙا هيٺ هَليا،
جي واڳونءَ وات ويا، ته پُڻ هَنجَ حبيب جي.
نڪو جِنُ جهان ۾، نڪو ٻاهر نانگُ،
نڪو مِرون جهنگ ۾، نڪو آهنگُ آڙانگُ،
چڙيو مِسيءَ سانگُ، ته مُلڪ مِڙوئي ساڪي ٿيو.
ڪَنين ماضي مَن ۾، ڪَنين استقبالُ،
حاصل جَنين حالُ، اُهي نه جِيَندي آنِ ري.

ـ مخدوم ڪرهوڙي رحه

*

هوتن هلندي جي ڪيون،
مون کي مارن سڄڻ تنهن جون ڳالهڙيون.

آنءُ وٽ هيڙيون، مون سان نہ ڪيڙون،
سڻي ٻري هٽي ويا ٻالڙيون.

ڪيف ڪڪوريون، قرب جي قابو،
سي رات رتيون، رنگ لالڙيون.

اسان ٻرڻ جي وچ ۾ آهن،
اهي اکڙيون عشق دلالڙيون.

اڱڻ اسان جي ايندين ڪڏهن تون،
آءٌ ويٺي ٻايان ڦالڙيون.

'صادق' سورن، ڪهايس ڪهورن،
آهن عشق جون چوکيون چالڙيون.

— صوفي صديق فقير، 'صادق'

# ا

## بيت

حسين بخش 'خادم'؛ 'سوز' ٽڪڙائي؛ عبدالجبار 'شام'؛ محمد سومار شيخ.

## ڪافيون

مخدوم محمد زمان 'طالب المولا'؛ سليم ڳاڙهوي؛ عبدالڪريم پلي؛ ولي محمد 'وفا'؛ حسين بخش 'خادم'؛ نثار بزمي؛ رام پنجواڻي؛ علي بخش 'رضا'.

## گيت

لڪميچند 'پريم'؛ سليم ڳاڙهوي؛ حسين بخش 'خادم'؛ شعبان 'بخت'.

## نظم

عبدالقيوم 'صائب'؛ لڪميچند 'پريم'؛ لطف الله بدوي؛ نياز همايوني؛ 'خواب' حيدرآبادي؛ تاج بلوچ؛ سليم ڳاڙهوي؛ 'سوز' ٽڪڙائي.

## مثنوي

سليم ڳاڙهوي.

## قصيدو

سليم ڳاڙهوي.

## آزاد نظم

نعيم دريشاڻي؛ گوورڌن محبوباڻي.

## غزل

شيخ اياز؛ امداد حسيني؛ لڪميچند 'پريم'؛ لطف الله بدوي؛ حافظ محمد احسن؛ سليم ڳاڙهوي؛ 'خواب' حيدرآبادي؛ شيخ 'راز'؛ نياز علي شاهه 'محسن'؛ غلام احمد خان چانڊيو؛ اجمل بيگ 'فاضل'؛ تاج بلوچ؛ علي محمد 'خالدي'؛ عبدالقيوم 'صائب'؛ نثار بزمي؛ موتي پرڪاش؛ شعبان 'بخت'.

## نيون طرزون

شعبان 'بخت'.

## قطعا

شبير 'هاتف'؛ عبدالقيوم 'صائب'؛ امداد حسيني؛ نياز علي شاهه 'محسن'.

## رباعيون

لڪميچند 'پريم'؛ واسديو نرمل.

# ڪافيون

## حضرت مخدوم محمد زمان ”طالب المولىٰ“

*

تو دلڙي ٻارَ ڏتاري، ٻوهه ٻرَ ڪاڻ ڪيڻ ٻوڻواري!

تنهنجا ڪيس ڀيارلَ ڪارا، آهن پيچ انهن جا پيارا،
ڪن ونگ وجهڻ لئه وارا، ٻائن ڳت ڳچيءَ ۾ ڳارا،
ڪن قيد سياڻا سارا، مهميرن تي سي مارا،
ٿين ورِير ٻ ات ويچارا، تا شاهه پرن شوڪارا:
منهنجي نرمل آهي نيزاري — ٻوهه ٻر......

تنهنجي پاڪ پرين پيشاني، آهي نرمل نُور نيشاني،
سج چنڊ ڪي لڳي حيراني، لاهي تنهنجي ثريا ثاني،
آهي تنهنجو مٽ نه شاني، ڪر اڄڻ سندي احساني،
وٺ سحب منا مهماني، اڄ اڱڻ مشي، دل جاني:
تنهنجي محبت دلڙي ماري — ٻوهه ٻر......

تنهنجون اکڙيون ٻئي ميخانا، ڀا ڀرُ ٽيل پيمانا،
يا سحب ٻئي مستانا، ڪن درد وارا ديوانا،
اتي جنگ پرن ٽا جانا، تون شمع، پيا پروانا،
تنهنجا شوق آهن شاهانا، هي راز آهن رندانه !
تنهنجي اکيان توبه زاري — ٻوهه ٻر......

تنهنجي قرب ڪرايون ڪيهون، شب روز روئان ڪري ريهون،
ڏنيون پرت پيارل پيهون، ويئون ورهن ڳذري ويهون،
ٿي دلڙي چيهون چيهون، ٻيون لال لڳن ۾ ليهون،
تنهنجي فڪر سڪايون ڦيهون، اڄ ٻرهه ۾ ڳذجي ٻيهون:
ڪئي ڪوندر آ گلزاري — ٻوهه ٻر......

حسين بخش 'خادم' سروري

*

کيترڙي ڪوجهڙي ڪاري، تہ بہ تنهنجي محبت ماري!
ڪتني تسوڙي ڪاري، تہ بہ تنهنجي محبت واري!
مڙني ميارون مون ڏي، ملڙا، تو تہ ٻرين پت ٻاري،
آهي يار نيائي ياري.
ڪيئن وساريان، ڪيئن ٿي وسري، تنهنجي پرت پياري،
آهي منهنجي ڳچيءَ ڳل ڳاري.
ساريءَ دنيا ڪان تنهنجي آهي، نرمل، رمز نياري،
سڀ سهڻل يار ستاري.
ساري، ساري، ساري، سنڙا، دلڙي مثل جياري،
ڪئي ساجن سڀ سرداري.
سا دل جاني، جنهن دل گذري رات ڏکن جي ساري،
ڪيئن روئندي روئندي گذاري.
پيار ۾ تنهنجي پيار سمايل، تو پرت جي پيالي پياري،
ٿيان صدقي سؤ سؤ واري.
واهون ويون ٻو وِيرَ تون آئين، دوست ڏنئہ دلداري،
جڏڙي جندڙي، جاني، جيئاري.
توڏي ڏسيو وريو توڏي ڏسي ٻئي، دلڙي دزدن ماري،
هيءَ ڏاڍي آهي ڏکاري.
'خادم' جي ڪا تو سان ناهي، دلبر، دعواداري
تو سان، يارَ زوراور، زاري!

نثار بزمي

*

مون کي آس تہ ايندا، ڪري چورو ڪين ڇڏيند
جن جي لئہ تو جڳ ۾ جاليان،
ٻُور ويهي تو دل ۾ پاليان،
مي سڪ سان نيٺ سڏيندا، ـــ ڪري چورو ڪين ڇڏيندا.

آءٌ اياڻو، عيبن هاڻو،
نينهن بڻايو آهي نماڻو،
شل عيبن ڏي نہ تڪيندا، ـــ ڪري ڇورو ڪين ڇڏيندا.
ٻار ٻرهہ جا، ’ٻزمي‘، آولا،
سور ۾ صدما سهڻ نہ سَولا،
ڪي غازي ڳاڙ پريندا، ـــ ڪري ڇورو ڪين ڇڏيندا.

## رام پنجواڻي

*

راڻل تنهنجي راهہ نهاريان مان،
نهاريان مان، او، نهاريان مان.

ٻنڌ ٻڇايان، ڪانگ آڏايان، ساجنَ تولئہ فالون پايان،
گهوٽ بنا ڪين گهاريان مان.

جهڙي تهڙي مان تنهنجي آهيان، توسان ڪهڙو سينو ساهيان،
ڳولي ٿي تہ ڳذاريان مان.

آءٌ نماڻيءَ جي گهر پيهي، سور سليان ڪي توسان ويهي،
تو بن ڪنهن کي پڪاريان مان.

’رام‘ چوي، هڪوار تون موٽ، پريت مان پريتمَ پيرو پائين،
جان بہ توتان واريان مان.

## علي بخش ”رضا“

*

سدا سڪ مان سڄڻ ساريان سنپاريان،
هنجون هوتن بنا هاريان نهاريان.

وڇوڙي ڪيون وڏيون مٺيءَ سان ڏنگايون،
بنا جانب ڳنگهر گهاريان ڳذاريان...

ڪڏهن ايندا سي ڪيچي قرب وارا،
جنين جي ڪاڻ هيئن ڪاريان، پڪاريان...

مڪرم اسم اعظم ٻارَ تنهنجو،
ڪرٻو تنهن ورد ٻئي واريان وراِيان...

پروڙج "ڪُل من فان عَليها"،
سبق سچئن سندو ٻاڙهيان پڙهايان...

ڪرٻو جيڏيون دعا جيسين جيان مان،
ٻرين جي ٻرت شل ٻاريان، ٻجهايان...

سنڌ سک ۾ سدائين، ٻار ٻيارا،
نديون، نارا، نرت واهيان، وهايان...

هنيون حاضر ٿو توکي جاني هردم،
ٻڌي ٻانهون ٿو ڪنڌ نايان، نوايان...

تسر سر تنهنجي جو آهي 'رضا' ڪي،
سدا چاڪر سچو چايان، چوايان...



# گيت

لکميچند 'پريم'

## بادل آيا

دُور ديس کان بادل آيا —
ٽِپ ٽِپ - ٽِپ ٽِپ، ٽِپ ٽِپ - ٽِپ ٽپ، ٻُوندن ساز وڄايا:
بوندن ساز وڄايا،
بادل آيا.

ڌرتيءَ جي اڄ ٽوٽ ويکريءَ ڇاتيءَ ہاڻ ہُسايو،
انگ انگ ڪنهن نارَ نوايليءَ جو جڻ آہري آيو —
گُلڙن جا ڳَلَ، ماڪ ڦڙن سان ٻُوندن اڄ چمڪايا:
ٽِپ ٽِپ - ٽِپ ٽِپ، ٻُوندن ساز وڄايا،
بادل آيا.

هيانءَ پريل هوڪرن جو، ۽ اکيون ڇُلڻ لڳ آتيون،
ڪنهن وڇڙيل کي ڳولڻ لڳ تن ہاتيون ٿي جڻ جهاتيون —
ہر افسوس، برهہ جي تاہش نيڻ سندن ڇلڪايا:
ٽِپ ٽِپ - ٽِپ ٽِپ، بوندن ساز وَڄايا،
بادل آيا.

مست بڻيي ٽيون بوندون رم جهم جون اڄ جهمر يون پائن،
ٺمڪ ٺمڪ جي سُر ۽ لَے تي نچي ناچيون ڳائن —
قدرت ہي اڄ ڪَڻَ ڪَڻَ ۾ ساوڻ جا رنگ لڳايا:
ٽِپ ٽِپ - ٽِپ ٽِپ، بوندن ساز وڄايا،
بادل آيا.

پيار جو ميلو، پيار جي محفل، پيار جا رنگ سڀ؛
پيار جا شعر ۽ پيار جا شاعر، پيار جا ٻول سڀ؛
پيار جا گيت ۽ پيار جا نغما، پيار جا سر ۽ تار:
بڻايو پيار سندو سنسارا

'خادم' سروري

*

# رات ڏکن جي ڪيئن گذاريان

اکڙيون اداسي، ننڊ نہ آئي،
روئندي روئندي رات وهائي؛
ڪير اچي ٿئي سورن ڀائي،
تارا ڪليا ٻئي، چنڊ سهائي؛
دير تون، دلبر، ڇو هتي لائي؟
هاڻ نہ ڪر تون، جاني، جدائي:
لوڪ ستو، سان ويئي نهاريان،
تن ۾ آهي تنهنجي تار.
— رات ڏکن جي ڪيئن گذاريان،
تو ريءَ، سانول يارا

سحب' سُنيءَ سان ايڏا ساٿا،
آءُ اگڻ تي هرچي ٻاٿا؛
سيرا منهن ۽ ڀڪڙا ڀراٿا،
وارث' تو ريءَ سيئي ويڳاٿا؛
رات نہ رهه ٻر ڪو ٻل، راٿا،
گلڙا آندم سي ٻہ ڪوماٿا:
هيٺي هر هر هنجڙيون هاريان،
ساجن' لهہ ڪا سار سنڀار.
— رات ڏکن جي ڪيئن گذاريان،
تو ريءَ، سانول يارا

اِڪ تہ هيس تنهنجي البيلي،
ڪيئني ٻانهيون ڪيئي ٻيلي،
هاڻ تہ هڪڙي ٻہ ناهہ سهيلي،
مون کان تہ سُکيا جيل ۾ جيلي،
تنهنجي هوندي آءٌ نوٻلي،
هاءِ جواني، هاءِ اڪيلي!
مهڻل سائين، توکي ساريان،
واڳ وصل جي وارثَ وار.
— رات ڏکن جي ڪيئن گذاريان،
تو ريءَ، سانول يار!

اَڌي رات ٻہ ٿي سوڪلاڻي،
لڏ لماڻي ويٺي واجهاڻي؛
ويٺي ويٺي گهوڙها وهاڻي،
لکيو لکيو جهاتيون ٻاڻي؛
در کي کولي، در کي وراڻي،
ٻانهون ٻڌيو هر هر ٻاڏائي:
آءٌ جلي جعند، جاني، جياريان،
محبَ مڙهي مون ڏي ميار.
— رات ڏکن جي ڪيئن گذاريان،
تو ريءَ، سانول يار!

دل جا سور ٿي دل سان اوريان،
ڳالهو چهن ۾ چوريو چوريان؛
لکندي لکندي هوريان هوريان،
تيل وجهان ۽ وٽ کي سوريان؛
آءٌ، ڏکي ٿي ڏکَ سان ڏوريان،
جهوري جهجهڻ، ۽ جان کي جهوريان:
ڪهڙي مجال جو توکي وساريان،
ٻرتر تنهنجي آهہ ٻچار.
— رات ڏکن جي ڪيئن گذاريان،
تو ريءَ، سانول يار!

پيارل، تنهنجو پيار ٿو ماري،
برهه جو ڀاري ڀار ٿو ماري،
ساجن، سڀ سنسار ٿو ماري،
لوڪ جو هي وهنوار ٿو ماري،
لڄ ڀرم، ويچار ٿو ماري،
پنهنجو خود سينگار ٿو ماري:

توکي ساريان، توکي سنڀاريان،
ڦٿڪي دلڙي، درد هزار.
— رات ڏکن جي ڪيئن گذاريان،
تو ريءَ، سانول يار.

ڳاڏيءَ جي ڳٽڪار ٿي ماري،
چيهن جي چٽڪار ٿي ماري،
بلبل جي پٽڪار ٿي ماري،
ڪويل جي ڪوڪار ٿي ماري،
گلڙن جي مهڪار ٿي ماري،
هير ٿڌي مهڪار ٿي ماري:

پلهل، پيارل يار، پڪاريان،
موٽي آئي سنڌ بهار.
— رات ڏکن جي ڪيئن گذاريان،
تو ريءَ، سانول يار.

جوڙ نه تنهنجو آهي، جاني،
پاڪ جثو ۽ پاڪ پيشاني،
نوري نرمل نُور نوراني،
جهڙي پيري، تهڙي جواني،
برهه جو بيشڪ تون ٿي باني،
چوند ٿئي 'خادم' دل ديواني:

آءٌ ته اکين ۾ مان ويهاريان،
نازڪ، نرمل، نيڻن ٺار!
— رات ڏکن جي ڪيئن گذاريان،
تو ريءَ، سانول يار.

شعبان 'بخت'

# ڀٽڪيل راهي

مان آهيان ڀٽڪيل راهي—
مون کي ڪوئي راهه لڳائي، مون کي سک جو سِرُ سمجهائي.

دنيا کي ڀانيان ٿو دشمن، پاڻ کان عاجز آهيان،
توڙي دنيا ۾ دليا جهڙو ٿي رهڻ ٿو چاهيان،
ڪڏهن چاهيان ٿو، ڪڏهن ٿو رهان، سا ڳالهه ٿي تن تڙهائي:
مون کي ڪوئي راهه لڳائي.

منهنجون خوشيون خالي خالي، منهنجا سک بي ساها،
منهنجو مرڪڻ اڀيو اڀيو، ۽ ٽهڪڻ بس 'ها ها'،
منهنجي ازلي روح رُلڻ کي ڪوئي ٻرچائي:
مون کي ڪوئي راهه لڳائي.

مقصد کان محروم حياتي، بي مقصد هر حرڪت،
کهڙيءَ ريت ٿئي ٻو حاصل بي گهر روح کي راحت،
دل بي ايمان، بدظن ٿيندي، وک وک تي گهبرائي:
مون کي ڪوئي راهه لڳائي.



تنهنجي هر وک تي ته رسوائي ئي رسوائي آهه،
کنهن به آنت نه ڏنو تنهنجي دکايل دل کي؛
تنهنجي لڏ کاڻ خوشيءَ جي نه گهڙي آئي آهه،
آرزو تنهنجي نه ڪانئي به رسي منزل کي.

منهنجا محبوب، انهيءَ حال ۾ دلگير نه ٿيءُ،
وقت هر وقت بدلبو ٿو رهي، جاچي ڏس؛
پاڻ پنهنجي ئي اکيان عجز جي تصوير نه ٿي،
ڪالهه جيڪي هو ڏٺو، اج ٿو ٿئي، جاچي ڏس!

خود بخود ڏينهن اچي ٿو، ٿيي جڏهن رات وڃي،
رات هوندي به ڀلا ڏينهن ڪڏهن آيو آ؟
تنهنجي دل منهنجي نصيحت کي بلاشڪ نه مڃي،
وقت هر وقت انهيءَ ڳالهه کي دهرايو آ.

هو پريان ڏس ته صبح جون پيون پاڪون ڏسجن،
لال ڪرڻن ۾ بدلبو ٿو رهي جڳ جو نظار؛
اج جي انسان جي تدبير ٿي لوڙي پنڌن،
'پريم'، تقدير جو رهندو نه ڪولي هاڻ غلام!

لطف الله بدوي

## گل و بلبل

ها، بهار آئي وري، جهولي ۾ راحت کي وٺي،
فطرتِ پاڪيزه هر شيءِ کي ڏني آ تازگي.
حُسن جي دنيا ۾ پيدا ٿيو نئون جوش و خروش،
شوق جي محفل ۾ آيو عشق ٿيي مينا بدوش.
سَرو تي قمري ڪئي ٿي سَر ڪري پنهنجو نثار،
گُل جي پتين تي ڦري ڀونئرو ڪئي ديوانه وار.
باغ جي دنيا ۾ هرڪو عيش ۾ ڏسجي مگن،
رنگ و بُو ڪان مست آ هر گوشه صحنِ چمن.

توکي ٻياڪ ڏنر، شوخ ڏنر، شنگ ڏنر،
ڀاڻ کي ڀيش ڪير تنهنجو وفادار ڪري:
تنهنجي قدمن کان سچڙ، سر کي جدا ڪير ڪندو؟
عدل ۽ ظلم جي دنيا ۾ لڳي جنگ ڏنر،
حيف، انسان حقيقت جو ٿو انڪار ڪري:
هاڻ انصاف سندا فرض ادا ڪير ڪندو؟

## سوز لکڙائي

اي دلنواز ساقيا،
ڀري ڀري کي جام آ.

مون کان نه تون ڪو ڪر حذر، نظر ملائي، جام ڀر،
زماني کان نه خوف ڪر، غريب تي به ڪر نظر:
سڪاءِ ڪين، دلربا،
اسان سان يارَ ڪر وفا. — اي دلنواز ساقيا...
مون کي مينا شراب ڏي، شراب ڏي، شباب ڏي،
شراب بيحساب ڏي، ڀري ڏي، با جواب ڏي:
هئون ٿا تنهنجي در صدا،
هو جيڪا رب جي رضا. — اي دلنواز ساقيا...
ڪلو ڪلو، اي ميڪشو، خوشي خوشي پيو پيو،
پيو پيو، جيو جيو، اوهان کان غم ويو ويو:
نه ميڪدي کان ٿيو جدا،
اها خطا ٿي برملا. — اي دلنواز ساقيا...
جلائي پنهنجي جان سن، هي عاشقانِ خسته تن،
سي تنهنجي در تي پيا اچن، نمن، ويهن، ٿا سجدا ڪن:
نه تن کان ٿي خفا، مٺا،
نه در تان ڪر اهي جدا. — اي دلنواز ساقيا...

الٽ ڪي هرروز ريڙهيندو پيو اُميد تي،
ويهه هفتا فصل هڪ لئه پيو مٿا مولا هٽي؛
فصل ڪاٽي، ڳاهي سوڙي، آن جڏهن ٿيندو تيار،
لاڏ سان ايندو زميندار، آڏ ڪندو پنهنجو تہ ڏار؛
پوءِ هاريءَ جي حصي مان ڏل ۽ ٻج ڪڍندو جناب،
قرضدار ايندا، چنبڙي چاٽي ڪندا پنهنجا حساب؛
قرضدارن جي وڃڻ کان پوءِ ’لاپا‘ سڀ ڏئي،
جا بچي باقي، سا هاريءَ جي ٻچن جي پيٽ پئي!



## قصيدو

'سليم' ڳاڙهوي

### منهنجو وطن

رشڪِ مه، رشڪِ فلڪ، رشڪِ عدن منهنجو وطن!
رشڪِ گل، رشڪِ ڪلي، رشڪِ چمن منهنجو وطن!

گل نما، گلزار، ۽ گل-پيرهن منهنجو وطن،
گل بداماں، گل فشان ۽ گلبدن منهنجو وطن.

جلوه تر، جلوه نظر، جلوه نما، جلوه فروز،
جلوه گر، جلوه اثر، جلوه فگن منهنجو وطن.

ذرّو ذرّو ملڪ جو مون لاءِ رشڪِ آفتاب،
زرفشان منهنجو وطن، ۽ سيمتن منهنجو وطن.

منهنجي تن من ۾ سمائي ديس سنڌ جي مٽي،
منهنجي دل منهنجو وطن، ۽ منهنجو من منهنجو وطن.

سان وطن جي واسطي، منهنجو وطن مون واسطي،
دلربا، دلدار، جانب، جانِ من منهنجو وطن.

خاڪ سان پيدا ڪري مشڪِ ختن منهنجو وطن،
ساڪ سان پيدا ڪري لعلِ يمن منهنجو وطن.

گود جنهن جي ۾ پليا سوَ سورما، مانجهي مٽير،
جنهن ڪيي سارا هي زمانو ۽ زمن، منهنجو وطن.

ديس جو اقشو اڪيريو آهه مون دل تي، 'سليم'،
ٿي چوي هر هر زبان مٺو سخن، "منهنجو وطن!"

هيءَ پينل ۽ برف جهڙو سرد هٿ!
هاءِ ڙي، مون کي ڇهايو!
ترس کائو،
هن پيانگ پوٽ جي چنبن منجهان
مون کي ڇڏايو!
ترس کائو،
هاءِ ڙي، مون کي ڇهايو!

*      *

رات جو پويون پهر —
دل ڀڳڙي ٿيي،
ساهہ ۾ ٻڻ مونجهہ آهي؛
ڪنکهہ ڏاڍو ٿي ستائي،
... ڇا، پکهر؟
هيڏو پکهر آيو ڪٿان؟
هٿ ڏکن ٿا،
آنگ ٿا ڏرڪڻ لڳن:
پر اوچتو،
ڪجهہ گهڙين لاءِ،
دل ٿي ڏڙڪي زور سان؛
اوچتو،
پيٽ ۾ وَٽُ ٿو پوي؛
اوچتو،
ساري ٻتَ ۾ سُوٽَ ٿي پيدا ٿئي؛
اوچتو،
سيني، آيري اچن ٿيون سپ نسون:
ڪنکهہ،
سهڪو...
ڪنکهہ،
سهڪو...
ڪنکهہ،
اوڪارو...
— ۽ آلٽيي خون جي!
............
............
مونجهہ —
من ۾ مونجهہ،
گهبراهٽ،
نراشا،
هاءِ، بيچيني،
پريشاني
ڪجي ڇا؟
هيت تہ چئني طرف گويا موت جو ئي راڄ آ،
............
هت تہ چئني طرف گويا موت جو ئي راڄ آ،
تہ بہ، الائي ڪير،
دل جي درد سان،
هر گهڙيءَ مون کي پڪاري ٿو چوي:
"تون نہ مرندين!
تون نہ مرندين!
او مذر، محبوب شاعر،
تون نہ مرندين!"

# غزل

شيخ اياز

●

سوجِ ني تي روان دوان ڪوئي،
آهه سهڻو سڄڻ اڃا ڪوئي.

صحن منهنجي ۾ آهه چانڊوڪي،
آيو آهي پريان پريان ڪوئي.

ميڪدي ۾ اڃي مجسّم ٿيو،
تنهنجي اکڙين جو داستان ڪوئي.

هن زمين کان وڌيڪ سهڻو آهه،
زاهدا، ڏس ته آسمان ڪوئي؟

موجِ عمرِ روان کٽي پڇندي،
شرط رکندو حباب سان ڪوئي!

ٻوڏ مَي سان غبارِ راهه پري،
جهومندو آيو ڪاروان ڪوئي.

دولتِ بيحساب بخشي ويو،
اڄ خريدي هي جسم و جان ڪوئي.

منهنجو ’اقبال‘ کان وڌيڪ، ’اياز‘،
ناهه دنيا ۾ رازدان ڪوئي.

امداد حسيني

●

ڪجهه دير چمن تي ته ملي مرڪ رهڻ ڏي،
سيني ۾ اميدن جي گلابن کي ڪِلڻ ڏي!
دلين تي اچا تير نگاهن جا وسڻ ڏي،
بيمار اميدن جون دوائون ته ٿيڻ ڏي!
ڪو يار اگر سچ تان رُسي ٿو ته رُسڻ ڏي،
ڪو وار ٿي ڏيندي ڪُسي ٿو ته ڪُسڻ ڏي.
اي دوست، اسان کي پلي ويجهو نه اچڻ ڏي،
لِلله نگاهن سان نگاهن کي چمڻ ڏي،
خارن کي گلن جي نه ڪڏهن ويجهو اچڻ ڏي،
پنهنجن ۽ پرائن ۾ ته ڪجهه فرق رهڻ ڏي.
ڪجهه ترس، اڄ الله جي قدرت کي ڏسي وڃ،
اي چنڊ، رخِ يار تان پردو ته هٽڻ ڏي!
ڪٿ پٽ تي ويهڻ وارا، ڪٿي ايڏي بلندي،
نيڪ آهه، تون پاسي ۾ اسان کي نه ويهڻ ڏي.
الله، زماني جي نظر اهلِ نظر تي،
دل کولي کلڻ ڏئي، نه ٿو دل کولي روئڻ ڏي!
'امداد'، گهَر ريز قلم ڪين رکي چڏ،
ڪجهه دير ته موتين جو پلي مينهن وسڻ ڏي!

لکميچند 'پريم'

●

زندگي درد آ، دوا ناهي،
زندگي آ مرَض، شفا ناهي.
زندگي آهه خود مسئلو هڪ،
جنهن جي آسان اِنتها ناهي.

زندگي پل کثي ٿيڪي خود کي،
دائما پر تہ خوشنما ناهي.

زندگي جستجوءِ جو نالو آ،
جنهن ۾ ڪوئي بہ همنوا ناهي.

زندگي موج آهي دريا جي،
جنهن کي هستي الڳ عطا ناهي.

زندگي قيد آهي شاهي هڪ،
جنهن ۾ ٻُڌبي ڪا التجا ناهي.

زندگي هڪ حسين دوکو آ،
ورنہ اهڙي سا دلربا ناهي.

زندگي خود ڪري خطائون ٿي،
ڪا بہ ڪنهن غير جي خطا ناهي.

زندگي آهہ هڪ نشو مَي جو،
جنهن جو تاثير ديرپا ناهي.

زندگي آهہ لاپتہ منزل،
جنهن ڪان آوندھ ڪڏهن جدا ناهي.

زندگي، 'پريم'، آھ ڪشتيءَ جان،
جنهن جو انسان ناخدا ناهي.

لطف‌الله بدوي

●

هلي اڄ اڱڻ ۾، ڪري قربداري، تہ سالن جي سانڊيل لهي انتظاري.
وٺي هاج هٿ مان، ٿيو حال هيٺو، خدا شل نہ ڏ ٺي ڪنهن کي دل سُورواري.
ٻُڌي ڪانگ جي لات لرزي آئي دل، اوسيڙي کان آن تي سوين زخمڪاري.
وڃي ڏينهن مونن ۾ سَرڪي جهُڪائي، ٿيو شغل راتين جو اخترشماري.

## شيخ 'راز'

●

هي دورِ محبت آ فسانوئي فسانو،
پڙندا ٿا رهون آهه گذرگاهه زمانو.

هيءَ راند زماني جي تماشو ئي تماشو، وينو ٿو ڪوئي ڳائي ڪو دلچسپ ترالو.
مڪڙي ته ڪيڙي باغ ۾، ۽ منهنجو تغافل، گذري بس ويو وقت، اهو وقت سهانو.
هي ننگ، هو ناموس، اهو وهم اجايو، وينئي ٿي ڪيو يار ڀلاني تي بهانو.
بس منهنجي عقيدت ۽ محبت ۽ فقيري، هي منهنجو دفينو، ۽ اهو منهنجو خزانو.
تون ناز و ڪرم، شان ۽ شوڪت جو مجسمُ، هي 'راز' وري عجز و عقيدت ۾ يگانو.

## نيازعلي شاهه 'محسن'

●

زندگيءَ ۾ سُرورئي ڪونهي، غم ڪرڻ جو ضرورئي ڪونهي.
هرڪو دم ٿو فنا جو درس ڏئي، پر اسان ڪي شعورئي ڪونهي.
آهه چشمِ ضمير نابينا، ورنه دلبر ته دورئي ڪونهي.
زخمِ دل آهه ٿي پيو ناسور، تنهنڪري ان ۾ سورئي ڪونهي.
دل ڪان مجبور آهه سڪوئي، ان ۾ ڪنهن جو قصورئي ڪونهي.
توتي 'مُحسنُ' کي ناز پيو آهي، ڪو رکو هڪ غرورئي ڪونهي.

## غلام احمد خان چانڊيو

●

حسن! توکي، توکي ٿو تشبيهه ڏيان ڪشمير سان،
عيب مون ۾، مون کي تون تشبيهه ڏي ڪتمير سان.

دورِ حسرت منهنجي خاطر، منهن ڏوئان ٿو نير سان،
دورِ فرصت دشمنن لئه، منهن ڏوئن ٿا کير سان.

صدف سان گوهر ناياب تہ پيدا ٿئي، ليڪن،
صدف وانگر نٿو سڀڪو ڪري محنت ۽ پاڙائي.

جبل تيشي سان کوٽي تہ سگهي هر دور جو انسان،
مگر پرويز جو حيلو ٿئي تہ فرهاد مارائي.

خردمند و سياست جي رهِ پرخار ۾ ڦاسي،
ڪٿي ڪنهن جي تي هٿ لائي، نہ پٽ پنهنجو ڪو ڦاڙائي.

تفاوت ايترو عشق ۽ عبادت ۾ ٿيو، 'صائب'،
جلائي پرَ تہ هڪڙي جا، ٻئي ڪي پاڻ ڪوٺائي.

## "نثار" بزمي

●

بيڪسيءَ جي بها ڪري ڏسبي، هڪ دفعو هيءَ خطا ڪري ڏسبي.
زندگيءَ جي حسين راتين ۾، جان ڪان دل جدا ڪري ڏسبي.
ڇا ٿيو؟ سر ويو، هئو هڪڙو، پنهنجي هستي فنا ڪري ڏسبي.
ناصحا، ڏي نہ تون نصيحت ڪا، عشق ۾ انتها ڪري ڏسبي.
ميڪشيءَ جو مزو وٺي ڏسبو، زخم دل جي دوا ڪري ڏسبي.
پاسو سنسار ڪان ڪري، 'بزمي'، نئين دنيا بپا ڪري ڏسبي.

## موتي پرڪاش

●

آزمايل کي آزمائي ڏسون،
چين دل جو وري گنوائي ڏسون.

ڏوهہ هڪڙو تہ ٿي ويو آهي،
ڏوهہ جو سلسلو وڌائي ڏسون.

باوفا سان نڀائي تہ هرڪو،
بيوفا سان اسين نڀائي ڏسون.

ساٿ ۾ ٿي سدائين رهنداسين،
حوصلو يار جو وڌائي ڏسون!

ڪيترو آهَ ۾ اثر آهي،
آهَ کي عرش تي رسائي ڏسون.

توکي دل ۾ سمايو سين، ڇا ٿيو؟
ساري دنيا کي اچ سمائي ڏسون!

سُور توسان سٺڻ جي عادت آهه،
اچ ته سيني ۾ سي سمائي ڏسون.

ساري جڳ تان اسين ڪيليا آهيون،
پاڻ تان ڀي ته جڳ ڪلائي ڏسون.

داغ دل جا گهڻا لڳايا سين،
جان جو داغ اچ لڳائي ڏسون.

**شعبان 'بخت'**

●

ڇڙي دل آهه، ڀر سمجهاءِ ڪجهه پنهنجيءَ نظر کي ڀي،
نظر، جيڪا ٿي پنڪائي ڇڏي برق و شرر کي ڀي.

سا جي راهه ۾ ديوانگي ڀهريون قدم آهي،
سان پائيان هڪ قدم ٿو زندگيءَ جي رهگذر کي ڀي.

نٿي چاهيم ته هڪ حجت ڪري ايذو خفا ٿيندين،
جو منهن موڙي تون ٺڪرائي ڇڏيندين چشمِ تر کي ڀي.

مان سوچيان ٿو ته ڀوءِ ڪيئن ٿو ڪريان اميد ڪا تو ۾،
'اگر' سان گڏ جڏهن وارو وٺائين ٿو 'مگر' کي ڀي.

ڀرين، تنهنجي طلب قلب و جگر ۾ خيمه زن آهي،
مگر پلجي وڃان ٿو مان ڪڏهن قلب و جگر کي ڀي!

وري روئي ڏنو فرقت زده تارن جي بيچيني،
رنگيو بيدرد خوني شام جي رت سان سحر کي ٻي.

وٺي هڪ پاس جي تصوير ٻنجي آس تارن جي،
ڏني هڪ شمس نئي ٿي روشني منهنجي قمر کي ٻي.

مقدر کي مڃان يا حادثن جي ڪينه سازيءَ کي،
مون دل ۾ راهزن سوچي ڇڏيو هو راهبر کي ٻي.

خدا جو سنهن، آئي خيرات ڏي سر 'بخت' جي، ورنه،
ڪندس حيران سر ڦوڙي مان تنهنجي سنگِ در کي ٻي!



# نيون طرزون

شعبان 'بخت'

[ترائيل]

## سچ ته آهي

جيڪڏهن، منهنجا سڄڻ، مان نه ملان ها توسان،
ڪو نه سِڪ آڏو جهڪي ناز ڪٿي ها تنهنجا:
تنهنجي قربن تان ٿئي خوش ٿي ها قربان مون جان،
جيڪڏهن، منهنجا سڄڻ، مان نه ملان ها توسان.

۽ وري مون تي اگر تون نه ڪرين ها احسان،
ڪو ٻيو مهر ڪري عيب ڍڪي ها منهنجا:
جيڪڏهن، منهنجا سڄڻ، مان نه ملان ها توسان،
ڪو نه سڪ آڏو جهڪي ناز ڪٿي ها تنهنجا!

[سانيٽ]

## چنڊ تارن جي تلاش

چنڊ تارن سان ته شل ڪوبه محبت نه ڪري!
خاڪ جا ذرا ملن شمع جي شعلن سان ته ڪئن؟
چنڊ تارن جي تمنا ته محض آهه خيال-
خواب ۾ خواب ملن ساهه جي سڏڪن سان ته ڪئن؟

چنڊ تارا ته سدا دور زمين کان رهندا،
پوءِ ڪيڏو به ڪري زور هلائي ڪوئي؛
آب و آتش جو اهو فاصلو منجهه جو نه آهه،
پل ته پوءِ ساهه جون شمعون ئي جلائي ڪوئي.

نُور کي نُور سان ٿي آھ ازل کان نسبت،
خاڪ مان پيدا ٿيل خاڪ سان منسوب رھن؛
پنھنجي مٽيءَ جي گلستان کي بنائن جنت،
پنھنجي ٻڪرن ۽ ٻڪن کي ٿي وسائن تہ ٺھن

ڀرين ڌرتيءَ جوٿي ھر ذرو وڃي ٿيي سائو،
ڀوءِ ڀل چنڊ ۽ تارن جو ڪجي ڪجھ سعيو.



# قطعا

شبير 'هاتف'

( ١ )

ڪيڏيون معصوم تمنائون ڪٺي ڇڏيون سين،
بزمِ جانان کي نئين رنگ ڏيڻ جي خاطر؛
ڪيترا پيرا انهيءَ در تي مٿا هونداسين،
رڳو هڪ پيرو جيئڻ وانگي جيئڻ جي خاطر.

( ٢ )

تون حسينن کان حسين آهين، مگر تو کان حسين،
منهنجا محبوب، اٿئي منهنجي اميدن جي ڪنوار:
ڪير ڄاڻي تہ گهڻا ڏينهن سندس رهندو سهاڳ،
ڪير ڄاڻي تہ متان هي بہ هجي تنهنجو پيارا

( ٣ )

هرطرف ياس ۽ حسرت جا جنازا ڏسبا،
منهنجي دل گورِ غريبان کان سوا ڪجهہ ناهي؛
عشق ڇا آهہ؟ ڪَلِي، سا بہ خزان جي ماريل،
زندگي گلشنِ ويران کان سوا ڪجهہ ناهي.

( ٤ )

جيسين چراغِ دل ۾، سهڻا، خونِ تمنا باقي آهي،
تنهنجي محفل رنگين رهندي، تنهنجون راهون روشن هونديون؛
جيسين اکڙين ۾ آب آهي، جيسين ٽڏڙيون آهون آهن،
تنهنجي صحنِ بهاران جون آڪاڻيون گلشن هونديون.

(٢)

شال انڌيون ٿين آهي اکيون،
جن ڪڏهن انتظار ئي نہ ڪيو؛
اهڙي دل ٻَل بہ شل نہ ساهہ کڻي،
جنهن ڪڏهن ڪنهن سان پيار ئي نہ ڪيو.

(٣)

جنهن ڪڏهن لڙڪ اگهيو ئي نہ هجي،
اهڙي دامن کي ڪو دامن نہ چئي؛
جنهن خزان کي نہ ڪلي ڪيڪاريو،
اهڙي گلشن کي ڪو گلشن نہ چئي.

(٤)

جو ڪڏهن چاڪ ئي ٿيو ناهي،
تنهن گريبان کي گريبان نہ چئو؛
بلبلن ڪان نہ ڪسيا جنهن نغما،
اهڙي موسم کي بهاران نہ چئو.

(٥)

رات پاسو اِجهو ٿي بدلائي،
چنڊ جو جام هارجي ويندو:
هي ستارن جا گل ڇڻي وينداٍ،
عشق ويچارو سارجي ويندو!

(٦)

تنهنجي هڪڙيءَ گهڙيءَ جي ساٿ کي، دوست!
آءٌ سالن جا سال ساريندس؛
ويندي ويندي بہ لڙڪ پي مرڪڻ،
ياد ايندو تہ لڙڪ هاريندس.

(٧)

پوء ڇا ٿيندو، ڪا خبر ڪانهي،
تون جهڪيل نيڻ ذرا کڻ تہ سهي؛
دل، جگر ڪير ٿو ڪري قربان،
مرڪ جا تير ڇڏي هڻ تہ سهي!

## نيازعلي شاهہ 'محسن'

(١)

ذرّي ذرّي ساڻ منهنجو اُنس آهي،
منهنجو تہ ساڻ ئي تہ پيار نہ آهہ؛
زندگي ورنہ ٿي پوي ها موت،
شُڪر آهي جو پائدار نہ آهہ.

(٢)

موت نامعلوم هڪ تڪليف آهہ،
زندگي ظاهر ۾ ئي جنجال آهہ؛
هونئن تہ دنيا آهہ هڪ نعمت وڏي،
پر رڳو انسانيت جو ڪال آهہ.

(٣)

تجربو مون کي دوستيءَ جو آهه،
دوستي، سُند دشمنيءَ جو آهه؛
موت جو غم ته خير ڪجهه ناهي،
غم اگر آ ته زندگيءَ جو آهه.

(٤)

تو مان بيلوث محبت جو ڪري ويٺاسين،
توکي نزديڪ، ٻين کان ٿي ڀري ويٺاسين؛
سنگدل پاڻ ئي نادم ٿي ڳراٽي پاتي،
اهڙي پُردرد و الم آه ڀري ويٺاسين.

(٥)

جگر ۾ درد ۽ ظاهر ۾ شادان؟
اِها ئي زندگي آهي اسان جي؛
لڪايون زخم دل ٿا، ورنه، يارو،
خوشي پنهنجي، خوشي ناهي اسان جي.

(٦)

تون ڀي تسليم ڪندين، عزم صميم آهي ڇا،
ساري دنيا کي ئي تبديل ڪري ونداسين:
قيس و ليلىٰ جو قسم، وامق و عذرا جو قسم،
مذهبِ عشق جي تڪميل ڪري ونداسين!



# رباعيون

لکميچند "پريم"

(۱)

مشڪل سان ٿو دنيا ۾ ملي دوست سچو،
جو ڪنهن به ڪشالي ۾ ٿئي ڪين ڪچو؛
هڪ دوست سچو ڏئي ٿو حياتي ۾ خوشي،
۽ دوست ڪچو بڻجي ٿو هروقت ڏچو.

(۲)

ياري نه ڏنم ڪيت، نه ڪئي يار ڏٺم،
جي يار ڏٺم، پر نه وفادار ڏٺم؛
غمناڪ بڻائڻ جي ته هرڪو ٿو ڪري،
ليڪن نه ڪٿي ڪنهن جو ڪو غمخوار ڏٺم.

(۳)

افسوس جو اڄ ديوتا شيطان بڻيا،
معصوم پوڄارين جي لئه نقصان بڻيا؛
غالب ٿيي ويو نفس محبت جي مٿان،
پنهنجن ئي ڪيو ظلم، جو پنهنجا نه بڻيا.

(۴)

ڪر پيار نه، جي پاڻ پڄائي نه سگهين،
جيڪي ٿو ڪهڙين، سو متان ڀائي نه سگهين؛
دشمن ته نه ٿيي رهج، اگر دوست نه ٿين،
اي دوست، متان توڙ نڀائي نه سگهين.

( ١ )

گل ڪان ٽي ڀڃيو ڀونئر ڳهڻي چاھ منجهان:
هي خارَ ڀلا ڪهڙو ڪندا وڙ تو سان؟
گل، ماڪ جا ڪجھ لڙڪ وهائي، آکيو:
ويندا نہ ڇڏي مون کي خزان ۾ تو جيان!

( ٢ )

بيٺي ٿي ڪمان آهي، اِجها تير ڇُٽي،
آ شيشو جهُڪيو، هاڻ اِجها مَيّ ٿي ڪُٽي:
ڀوري ٿي جواني، ۽ ٻڍاپو آيو،
بيٺي ٿي ڪمر، ۽ ٿي اِجها جان ٽٽي!

( ٣ )

چئہ هندو نہ آهيان، نہ مسلمان آهيان،
چئہ ٻوڌي نہ آهيان، نہ ڪرستان آهيان:
توکان جي پڇي ڪير تہ 'آخر ڇاهين؟'
چئجانس، نماڻائيءَ سان، 'اِنسان آهيان!'



# ٢

## افسانا


١. گود ڀريل، دل ويران — ڪيرت ٻاٻاڻي
٢. موٽ — طارق اشرف
٣. رُڃ — خواجا سليم
٤. هڪ خواب، هڪ حقيقت — حميد سنڌي
٥. سيمنٽ جي پُتلي — رشيده حجاب
٦. ڪيئن وساريان — ميرمحمد نظاماڻي
٧. بهشت ۽ دوزخ (ترجمو) — سُميتر نندن


سنڌيڪار: وليرام ولڀ

كيرت ٻاٻاڻي

# گود ڀريل، دل ويران

ڀورن اٺن ڪلاڪن جي بيهوشيءَ کان پوءِ جڏهين مون اکيون کوليون ته سامهون بيٺي مُسڪرائي سان مُرڪندڙ نرس کي ڏٺم، جنهن ٻاجهه ڀري سُر ۾ چيو، ”پٽ، توکي ڪو ڄاڻو آهي! ڏسندينءَ؟“ منهنجو بدن ائين ڏڪي ويو، ڄڻ نانگ ڏنگيو هجيم. منهنجي ڏڪڻيءَ سان کٽ اسپتال جي کٽ به ڏُڏي وئي، جا حقيقت نرس جي نظر کان لڪل نه رهي. ”پٽ، توکي ٻاجهه ڄاڻو آهي! ڏسندينءَ؟“ ٻيهر نرس، ماکيءَ سان ڀري، لفظ پنهنجي مُک مان ڪڍيا. منهنجين اکين جا بند ائين ٽُٽي پيا، جيئن ساوڻيءَ ۾ ڀرپور نديءَ جا ڪپر ڍهي پوندا آهن. نرس آواڪ (چُپ) رهجي وئي. کيس ڪجهه به سمجهه ۾ نه آيو. مون کي جڏهين ڇير ٻائي نچڻ گهربو هو، تڏهين مون اکين ۾ سيلاب جاري ڪري ڇڏيو هو—سو به ٻهرئين ڀر جي جنم-ڏينهن تي!

”پٽ، تون هيءُ ڇا ٿي ڪرين؟“ هن حيرت ڀرئي نوع ۾ چيو.

”مون کي دل کولي روئڻ ڏي!“ مون چيو؛ ۽ منهنجو هنيانءُ ڦاٽڻ لڳو.

”آشي نه ٻول! اڄ تنهنجي جيوَن ۾ بهار آيو آهي!“ هن حجتي ڀاوَ ۾ چيو.

”اِهو بهار منهنجي لاءِ سرءُ به کٽي آيو آهي.“ مون کان سڏڪو نڪري ويو، ۽ نرس اچي منهنجي وات تي هٿ رکيو. مان وڌيڪ ڳالهائي نه سگهيس. منهنجون اکيون ٻورجي ويون—ائين، جيئن ٻوڏ جي پاڻيءَ ستان سڪل پنن ۽ گاهه جو تهه جمي وڃي.

مون کي خبر ناهي، مان ڪيترو وقت ائين اکين جي آب سان اندر جي آگ کي وسائڻ جي ڪوشش ڪندي رهيس. پر اندر ۾ آگ هڪ ڀنيت مثل ٻري رهي هئي، جنهن کي ٿڌو ڪرڻ مشڪل هو. منهنجا آنسون جيئن هن آگ تي ڪِريا ٿي ته بخار ۾ بدلجي، ٻاڦ ٿي هليا ٿي ويا، ۽ آگ تنهان ئي تيز ڀڙڪندي رهي. جيئن گرم تٽي تي پاڻيءَ جو ڦڙو وجهبو آهي ته ’سون-سون‘ ڪري بخار بڻجي ويندو آهي ۽ پٺيان پنهنجي هستيءَ جي ميٽجڻ جو دونهون ڇڏي ويندو آهي، بلڪل ساڳيءَ طرح منهنجي دل اندر هڪ دونهين جو غبار پيدا ٿي رهيو هو، جنهن ۾ منهنجي دل ٻوساٽجي رهي هئي.

الائي ڪيڏيءَ مهل نرس ڪمري ۾ لنگهي آئي هئي، ۽ منهنجي جيوَن-جي ٽڪري کي منهنجي پِر ۾ سمهاري ڇڏيو هئائين. هن جي هڪ ئي ڇهاءَ سان منهنجي جيوَن ۾ امرت-رس ڀرجي

شام جي وقت جڏهن سڄ فيڪٽريءَ جي چمنين مان نڪتل دونهين جي ڇَلن ۾ گم ٿيڻ لڳندو هو، ته هوءَ هڪ اڻڄاڻ طرف کان ايندڙ سائيڪل جي ٽون-ٽون تي جاڳي پوندي هئي؛ ۽ هن جي زرد چهري ۾ ٿورو ٿورو گلابي رنگ اچي ويندو هو.

—'کهڙو... آ و... —'

منجهند ٿي ويئي هئي، ۽ مزورن کي مانيءَ کائڻ جي موڪل ملي هئي. هن ڊگهو ساهه کنيو. کلندا، خوش ٿيندا، خاموش، مضمحل، سڀئي مزور فيڪٽريءَ مان نڪري رهيا هئا. ۽ انهن جي پٺيان شوخ، تيز ۽ طرار مزورڻين جو ٽلو نڪري رهيو هو. جڏهن آهي بنهه هن جي ڪمري جي دريءَ وٽان لنگهڻ لڳيون ته هوءَ جهڪي، غور سان هڪ هڪ جو منهن ڏسڻ لڳي.

—شايد ڪمال لاءِ ڪا نئين سيمنٽ جي پُتلي ڏسڻ لاءِ!



مون کان رسي، وڃي سمهي رهيو. اڄ، ڏس اڇيو... هُن ڪنڊ ۾، هو ڏس، سُتو پيو آهي— گهريءَ ننڊ ۾. ٻادلن جا آواز به ڪيس جاڳائي نه سگهيا؛... پٿرن ۾ رهي، من پنهنجيءَ دل کي به شايد پٿر بنائي ڇڏيو آهي."

نيلو سڏڪا ڀري روئي رهي هئي. پوڙهو به روئي رهيو هو. پوڙهي، سليم جي منهن تان ڪپڙو هٽائي چيو: "مون کان تہ رُسي ويو آهي، تون پرچائينس، شايد تنهنجو چوڻ مڃي."

"— سليم!... سليم! ڏس، تنهنجي نيلو تو وٽ آئي آهي! ڇا، واقعي تو مون کي وساري ڇڏيو؟... سليم!" ائين چوندي، نيلوفر يڪايڪ هڪ وڏي دانهن ڪري ڪِري پئي. شايد هوءَ به سليم جهڙيءَ گهريءَ ننڊ جي آغوش ۾ هميشه لاءِ آرامي ٿي وئي.

هينئر برسات بلڪل بند ٿي چڪي هئي. هوا جي سوسات ۾ اها تيزي نه هئي. هوا، پهاڙين سان ٽڪرائجي، دلسوز آواز ۾ پڪاري رهي هئي: "ڪيئن وساريان!"



# ٣


١. حيدرآباد شهر — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

٢. لطف الله حيدرآبادي — لطف الله بدوي

٣. مير پور بٺورو — پروفيسر محبوب علي چنا

٤. "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ" — هڪ گذارش — سراج

٥. "مهراڻ" جا موتي — ادارو

٦. سنڌي نثر مان مثالي ٽڪرا — چونڊيندڙ

٧. "آڌيسي آئي ويا..." — مرزا اسد بيگ

"اڄ تائين ڪوبہ اهڙو ماڻهو ٿي نہ گذريو آهي، جيڪو پنهنجيءَ زبان تي عبور حاصل ڪرڻ بنا ڪنهن ٻيءَ زبان ۾ مهارت حاصل ڪري سگهيو هجي."— جارج برنارڊ شا

يعني تہ گهٽا ميئهن پيا آهن ۽ وسون لڳي ويون آهن. بهرحال، نيرون جي جنهن چراگاهہ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهو غالباً انهن ميدانن ۾ هو، جي ٽڪر جي هيٺان، اولهہ توڙي ڏکڻ طرف، ٽنڊي جهانيان ڪان گدو بندر، ٽنڊي مير غلام حسين، ۽ ويندي اسٽيشن جي ڏکڻ طرف تائين پکڙيل آهن. محمد بن قاسم ڏکڻ ڪان ديبل طرفان ايندي غالباً انهيءَ اراضيءَ ۾ اچي منزل انداز ٿيو هوندو. ان وقت "نيرون قلعو" خاص طرح ٻڌ ڌرم جي پوئلڳن جي بستي هئي، ۽ اتي جو حاڪم، جنهن جو نالو فتحنامي ۾ (١) اسان کي "ٻهند رکو" جي صورت ۾ لکيل مليو آهي، سو اصل ۾ غالباً "ٻند رکيو" يا "ٻڌ رکيو" هوندو. هن حاڪم عراق جي گورنر حجاج سان لکپڙهہ ڪري دوستيءَ جا ناتا قائم ڪيا هئا، انهيءَ ڪري محمد بن قاسم ۽ سندس وچ ۾ صلح جو معاهدو ٿيو. قلعي جا دروازا کوليا ويا، ۽ محمد بن قاسم پنهنجن لائق سردارن سان گڏ معائني لاءِ آيو. اندر هڪ مسجد جي تعمير جو حڪم ڏنائين، ۽ شڪريي طور ٻہ رڪعتون نماز ادا ڪيائين (٢). اهو فيبروري-مارچ، سن ٧١٢ع هو. ان بعد "نيرون ڪوٽ" جو اسلامي تاريخ وارو دور شروع ٿئي ٿو.

ائين صديءَ ڪان وٺي ويندي ارڙهين صدي عيسويءَ تائين، نيرون ڪوٽ بابت عرب راوين جهڙو اکين ڏٺو احوال ڪونہ ٿو ملي. نيرون جو قلعو اڳ برهمڻ آباد جي گورنر جي هٿ هيٺ هو. عربي دور حڪومت ۾، محمد بن قاسم جي فتح کان اٽڪل ٢٠-٢٢ سال کن پوءِ، برهمڻ آباد جي ڀرسان، محمد بن قاسم جي پٽ عمرو هڪ نئين تختگاهہ "منصوره" جو بنياد رکيو، جنهن جا ڪنڊرات هتان کان ٤٥ ميل کن اتر-اوڀر، دلوروٽ موجود آهن. اسلام کان اڳ سنڌ جو تختگاهہ، موجوده روهڙيءَ کان ٿوري فاصلي تي، ڏکڻ طرف، "اروڙ" جو شهر هو، انهيءَ ڪري دور دراز قلعن کي وڏي فوجي اهميت هئي. نئون تختگاهہ "منصوره" ايترو ويجهو هو جو نيرون جي قلعي جي اڳوڻي اهميت باقي نہ رهي. انهيءَ هوندي بہ عربي دورحڪومت ۾ نيرون جو قلعو انهيءَ وڏيءَ شاهراهہ تي واقع هو، جيڪا عراق، ايران ۽ مڪران مان ديبل بندر تي پهچندي هئي، ۽ ديبل کان وري نيرون ڪوٽ، منصوره ۽ اروڙ کان ٿيندي، ملتان ويندي هئي. ڏهين صدي هجريءَ ۾ عرب سياحن اصطخري، ابن حوقل ۽ مقدسي، جن سنڌ و ساڻريءَ کي پنهنجي سياحت ۽ جغرافيائي تحقيق جو مقصد بنايو، تن جي بيانن ۾ ايترو ذڪر ملي ٿو تہ نيرون جو قلعو ديبل کان منصوره واري شاهي رستي جي وچ ڌاري واقع آهي، پر البتہ منصوره کي ويجهو آهي.

انهيءَ شاهراهہ تي واقع هئڻ سببان، وقت بوقت هتي مسلم سياح، محقق ۽ عالم پئي آيا هوندا. پر تقريباً ٻارهين صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ ڌاري هڪ درويش مڪي شريف مان آيو، جنهن هن بستيءَ کي هميشہ لاءِ اچي پنهنجو آرامگاهہ بنايو. اهو درويش هو شيخ سيد محمد مڪي، جنهن جي درگاهہ "شاهہ مڪائي" يا "جيئي شاهہ" جي نالي سان مشهور معروف آهي. سيد

(١) ڏسو ص ص ١٦٧ ۽ ١٨٧. (٢) "فتحنامو"، ص ١٨٨.

مسجد کان سواءِ، سيوهڻ ۾ قلندر شهباز توڙي ڇتي امرانيءَ جي مزارن لڳ شاهجهان جي نوابن مسجدون نهرايون. ساڳيءَ طرح، شاهجهان جي عهد ۾ ٺٽي جي نوابن درگاهه سيد محمد مکيءَ ڏانهن بہ توجهہ ڪيو، ۽ فرمان جاري ڪري، مخدومن جا پاڻ ۾ اختلافات حل ڪيائون. شاهجهاني عهد ۾ انهيءَ قسم جو پهريون فرمان سن ١٠٣٨ع ۾ صادر ٿيو؛ ٻيو فرمان، نواب ابوالبقا اميرخان طرفان، ١٤-شعبان ١٠٥٢هه ۾ جاري ٿيو؛ ۽ ٽيون، نواب محمد رضا طرفان، ١٠٦١هه ۾ جاري ٿيو. ساڳيءَ طرح، عالمگير جي عهد ۾ پهريون فرمان نواب عزت خان طرفان سن ١٠٧٦هه ۾ جاري ٿيو، ۽ ٻيو نواب غضنفرعلي خان طرفان سن ١٠٧٧هه ۾ صادر ٿيو. پنج سال پوءِ، سن ١٠٨٢هه ۾، غالباً نواب عزت خان جي ڪوشش سان بزرگ جو روضو جڙي راس ٿيو: جيئن هيٺين ڪتبي مان ظاهر آهي، جو هن وقت روضي جي آڏو، الهندي طرف، ڪچي قلعي جي ديوار ۾ لڳل آهي:

ز عزّت بنا يافت خوش منظري،    کہ از فيضِ حق ميزند موجِ نور؛
بهشت آستان بوس خُلد"امِ او،    ز خاکِ درش سرمۂ چشمِ حور؛
بجستم ز دل سالِ تعميرِ او،    بگفتا خرد: زيبِ بزمِ حضور.

١٠٨٢



(سيد محمد مکيءَ جي درگاهه جي سال تعمير جو ڪتبو—جو هن وقت روضي جي الهندي طرف، ڪچي قلعي جي ديوار ۾ لڳل آهي.)



قلعي ۽ شهر جو نظارو ــــ ٽالپوري عهد جي تصوير



حيدرآباد جي قلعي جو نظارو، الهندي طرفان ــــ سَنَ، ١٩٥٨ع



قلعي جو دروازو ۽ ان جي سامهون برج — تالپوري عهد جي تصوير



ميرن جي ڪچهريءَ (دربار) واري عمارت — قلعي اندر، شاهي دروازي جي سامهون

مئي، ١٩٥٨ع



(قلعي جي سنگ بنياد وارو سنگمرمر جو تعويذ — وچ ۾ قلعي جو سال بنياد، ۽ هيٺان قلعي جي بانيءَ ميان غلام شاهه خان عباسيءَ جو نالو ڏنل آهي.)

ميان غلام شاهه جو پٽ ميان سرفراز، جو فارسي زبان جو اعليٰ شاعر هو، تنهن حيدرآباد جي آباد ٿيڻ واري سال بابت هيٺيان اشعار چيا:

در گلستانِ دانش و عرفان     بلبلِ طبعِ من کشود زبان
اي که داري خرد بيا بشنو     از زبانِ من خجسته بيان
که به سالِ نکو به ماهِ سعيد     و ز عنايات حضرتِ يزدان
حکم شد از جنابِ خاقاني     چون نزولِ قضا بر اهل جهان
از جنابي که پاسباني او     فخر باشد به قيصر و خاقان
آنکه از هيبتش فلک لرزد     همچو بيدي که او بود لرزان
مخزنِ سرِّ حق ميان صاحب     مظهرِ لطف ايزدِ منّان
سرور دين غلامِ شاهِ نجف     خادم الفقر شهريارِ جهان
تا که سازند قلعهٔ محکم     که بماند به دهر جاويدان
قلعه اي شد بنا که مانندش     کس نديده ست در همه دوران
قلعهٔ محکم و رفيع که نيست     همچو اين لاجورد گون ايوان
سعي کردند جملهٔ از خويش     بهرِ تاريخ او سخن سنجان
هر کسي گفت مصرعِ تاريخ     زادهٔ طبع چون درِ غلطان
نوبت آمد بمن سخن سنجي     من که بودم ز جمله هيچمدان

اتر طرف گھٽي-ياگي ۾ وڌايو ويو. انهيءَ اترئين پاگي جو دروازو اپرندي طرفان جدا آهي، ۽ انهيءَ طرف جا برج ڏيکارين ٿا ته غالباً ميان صاحب هتي پنهنجا فوجي دستا رکيا، انهيءَ لاءِ ته جيڪڏهن ڏکڻ طرفان ڪو حملو ٿئي ته اها فوجي چؤڪي اوائلي مدافعت ڪري. ٽڪريءَ جي اترئين چيڙي تي، موجوده جيل کان اتر-اولهه طرف، ميان صاحب پنهنجي مقبري جي جاءِ منتخب ڪئي ۽ ان جي حفاظت لاءِ چوڌاري ڪچو قلعو ٺهرايو. انهيءَ قلعي جي دروازي وارا برج ڏيکارين ٿا ته اتي به انهيءَ اترئين پاسي جي چوڪسيءَ خاطر فوجي چؤڪي قائم ڪئي ويئي. ميان غلام شاهه جي وقت ۾، مجموعي طور سان، حيدرآباد جي لڳ ڀڳ اها ئي پکيڙ ۽ آبادي هئي.

قلعي جي تڪميل کان پوءِ چوٿين سال، سن ١١٨٦ هجري ۾، ميان غلام شاهه جهڙي باهمت ۽ نيڪ ڪردار حاڪم وفات ڪئي، ۽ وڃي دارالبقا ۾ آرامي ٿيو. ڪنهن چيو ته "ميان خُفته" (يعني ميان آرامي ٿيو)— ۽ انهيءَ فقري مان ئي، ابجد جي حساب موجب، سن وفات "١١٨٦" نڪتو. کيس شهر جي اتر ۾ تيار ڪرايل ڪچي قلعي اندر دفن ڪيو ويو. سندس پٽ ميان سرفراز مٿس روضو ٺهرايو، جو فن عمارتسازي جي لحاظ سان هڪ خاص اهميت رکي ٿو. روضي جي اندر ڏاکڻيءَ ديوار ۾، محراب مثل دروازي جي مٿان، تاريخ وفات بابت ميان سرفراز



(ميان غلام شاهه جي مزار وارو ڪچو قلعو— قلعي جو ٻاهريون دروازو)

مِيان غلام شاهہ جي توجهہ سان حيدرآباد جو بخت کليو، پر اجا تخت کوٽ ۾ مليو. مِيان غلام شاهہ جي وفات بعد سندس پٽ، مِيان سرفراز، هالن لڳ "خدآباد" کي پنهنجي گادي بڻايو(١). ان وقت کان وٺي، ويندي مير فتح علي خان جي ڏينهن تائين، تخت جي تِراري جي اٿل خدا آباد ڏانهن ٿي رهي. البتہ مِيان غلام شاهہ حيدرآباد ۾ دفن ٿيو، انهيءَ ڪري ڪلهوڙي



(مِيان غلام نبيءَ جو قبو)

---

(١). علم حوالن موجب، مِيان سرفراز سن ١١٨٦هہ ۾ هيءُ نئون "خدا آباد" بڻايو.



(ميان سرفراز جو مزار — شهيدن جو مقام)

ارے بلبل، کسے پر باندهتي هو آشيان اپنا،
نہ گل اپنا، نہ باغ اپنا، نہ لطفِ باغبان اپنا.

ٽالپوري عهد جي علمي ۽ ادبي مجلسن جو باني مباني، حافظ قرآن ۽ شاعر سخندان، مير ڪرم علي خان "ڪرم" ٻہ هتان کان ڇهہ فرلانگ کن اتر طرف، "ميرن جي قبن" واري مرڪزي قبي ۾ آرامي آهي. ﭘاڻ پنهنجي وقت جي فارسي شاعرن جي ڪلام جو انتخاب "محڪ ڪمال" جي نالي سان مرتب ڪرايائين. سندس ديوان، خود سندس هٿ لکيل ديباچي سان، سندس يادگار آهي. جيئن سندس دربار شاعرن ۽ اديبن جو مرڪز هئي تئن هن وقت سندس مرقد ﭘڻ شاعرن ۽ سخن سنج صاحبن جي هڪ گروهہ جو مرڪز آهي، جن ۾ مير مراد علي خان "علي"، مير نصير خان "جعفري"، مير حسين علي خان "حسين"، مير شهداد خان "حيدري"، ۽ مير عباس علي خان "مومن" ڪيس چوڏاري ويجها ستل آهن؛ باقي مرزا خسرو بيگ "غلام" (صاحب ديوان) ٻاهران اوڀر طرف هڪ چارديواريءَ ۾ چوڪنڊي هيٺ آرامي آهي، تہ آغا زين العابدين "عابد" (صاحب ديوان) مرزا خسرو بيگ واري حاطي کان ٻاهر ڏکڻ طرف، ۽

جيئن چيو وڃي ٿو، مرحوم محمد اسحاق ڪنڊڪوٽ ۾ سيڪنڊ منشي هو ۽ آتي ئي وفات ڪئي هئائين. افسوس جو اسان جي شاعر جو ورثو به ڪنڊڪوٽ جي زمين ۾ ئي دفن ٿي ويو. هيءَ ناياب بياض ڪنهن کي هٿ آيو ۽ ڪيئن فنا ٿي ويو، سو خدا ئي بهتر ٿو ڄاڻي. ڪاش، اُن بياض جو وجود هجي ها ۽ اسين شاعر جي ڪاوشن کان واقف ٿي سگهون ها. مگر،

آن قدح بشکست و آن ساقي نماند.

انساني زندگيءَ جي بي ثباتيءَ جو هن کان زياده ٻيو ڪهڙو دليل ٿي سگهي ٿو. هن ادبي ذخيري جو نقصان، سنڌي ادب جي گذريل آهچائن جو به نقصان هو. جيڪڏهن ڏسبو ته سنڌي زبان جا ايترا گهڻا شاعر موجود نظر ايندا، جن جو ڪلام زماني جي دستبرد کان بلڪل ضايع ٿي چڪو آهي. اسان جي بي اعتنائي واقعي افسوس جي لائق آهي.

اِنهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته مرحوم لطف الله بهترين غزلگو شعراءَ سان هڪ هو. 'گُلِ خندان' ۾ جي سندس غزل موجود آهن، آهي هن صنف ۾ سندس قادر ڪلاميءَ جا شاهد آهن. هيٺ سندس هڪ غزل ڏيان ٿو، جنهن مان سندس ڪلام جي سادگي ۽ شگفتگي وضاحت سان معلوم ٿيندي:

هو اڳي هي حسن، ۾ هي سينڌ سرمون ڪونه هو،
هو اڳي سينگار، پر هي رنگِ گلگون ڪونه هو.
هو اڳي هي رنگ، ۾ هي خطِ ريحان ڪونه هو،
هو اڳي هي خط، پر هي خال وسمون ڪونه هو.
هو اڳي هي خال، ۾ هي ناز نخرو ڪونه هو،
هو اڳي هي ناز، پر مستان مجنون ڪونه هو.
هو مگر هي حسن، جنهن مجنون هزارن کي ڪيو،
برهه جي بيمار جو ري وصل دارون ڪونه هو.
عشق هو ۽ حسن هو، جنهن قيد ۾ دل کي رکيو،
عاشقن جي قتل لئه منجهه عشق قانون ڪونه هو.
'لطف' سڀ دفتر جهان جو مون وري ڄاڃي ڏٺو،
۾ اِنهيءَ ۾ عشق جهڙو خاص مضمون ڪونه هو.

'لطف' جي ضايع ٿيل ڪلام جو ڪجهه حصو مون کي "بياض خادمي" ۾ نظر آيو. جناب حاجي امام بخش 'خادم'، ٽريننگ ڪاليج ۾ تعليم وٺڻ کان پوءِ، سن ۱۸۸۰ع کان سن ۱۸۸۳ع تائين، ٽنڊي ولي محمد جي اسڪول ۾ پرائمري ماستر هو، جتي لطف الله به سندس رفيق هو. خادم جيئن ته پاڻ صاحبِ ڪلام هو، سندس تعلقات لطف الله سان دوستاڻا هوندا. ٻنهي شاعرن هڪٻئي جي ڪلام کي سانڍڻ جي ڪوشش ڪئي هوندي. 'خادم' کي سنڌ جي شاعرن جي ڪلام کي جمع ڪرڻ جو وڏو شوق هو، جنهنڪري سندس 'بياض خادمي' کي وڏي اهميت آهي.

چکو هو، مگر ان هوندي به ڪيترائي اهڙا شاعر اسان کي ملن ٿا، جن جي ڪافين کي امتيازي شان حاصل هو. لطف الله جي ڪافين ۾ اگرچ صوفين وارو موسيقيءَ جو زير-بم موجود نه آهي، مگر ان هوندي به سندس ڪلام ۾ حقيقت جو آواز اسان کي صاف پڌرو ۾ اچي ٿو. طريقت جي شاهراهه تي هلڻ لاءِ، شاعر پنهنجي ڪلام ۾ ان مارڳ جو ضرور مذڪور ڪيو آهي. 'بياض خادمي' مان جو سندس هڪڙو ئي غزل هٿ آيو آهي، اهو به تصوّف جي نُڪتن سان لبريز آهي.

غزل

سرد آهـين جي سچائين عشق واريءَ راهه کي،
ڏُور ڳولهيندو رهين ڇو، پاڻ ۾ لهه ڏاهه کي.
ورد ڪيو جن پانهنجو اِي يار جي اذڪار کي،
پرتوَندن پار ڪيو تن عشق جي اوڙاهه کي.
شمع تي پروانـه کي جلندو ڏسي سالڪ چيو،
تو پلا واري رکيو ڇو پنهنجي اِ سر ساهه کي.
عشق ۾ آهي عقوبت، عين راحت روح جي،
عام جاڻي ڪينڪي ٿو رمز حق آگاهه کي.
سال ٿيا سڪ ۾ نهاريندي سدا توڏي، حبيب،
وصل جو ڏي ڪو دلاسو هاڻ 'لطف الله' کي.

اسان کي هن قبيل جو شعر ٻين صوفي شعرا جي ڪلام ۾ به گهڻو ملي ٿو. فقير خيرمحمد صوفيءَ جي مشهور ڪافي (جنهن کي مان غزل چوندس) آهي:

نياز لوڙت نرت رک، ڇڏ تون خودي جي خيال کي،
هڻ تري ديوار دوئي جي کي ۽ هٿ ڪر حال کي.

هن سڄي ڪلام ۾ فقيرخيرمحمد صوفيءَ سلوڪ جون رمزون ويهي پڌايون آهن. لطف الله به پنهنجي غزل ۾ انهيءَ ڪيفيت جون ڪهاڻيون ارشاد ڪيون آهن. فارسي شاعريءَ ۾ تصوف کي غزل ۾ اڪثر وڏو مقام ڏنو ويو آهي. سنڌ جي شاعرن به فارسي شاعريءَ جي تتبع ۾ غزل ۾ تصوف جي رمزن کي آڻڻ لاءِ وڏي ڪوشش ورتي آهي.

بهرحال، غزل ۽ ڪافين ۾ لطف الله جو هٿ آيل سرمايو اِهو ئي آهي. ننڍو هوس، تڏهن شڪارپور جي مشهور راڳيندڙ حافظ احمد کان لطف الله جو هڪ غزل ٻڌو هوس، جنهن جو مطلع هو:

وڃي اغيار وٽ ويهين، اسان کان منهن لڪائين ٿو،
سونهي ٿو ڪين هيئن توکي، سڪندن کي سڪائين ٿو.

مُلو

تن سندي انجام جي، سڻ تون هيءَ ٻچار،
تہ ڪنهن مُلي مسجد ۾ ٿي چوري تسبيح تار،
وينو وظيفي منجهہ هو، جهُنڊ ٻڌي جونجهار،
تہ ٻريان موالي، هڪڙي ويندي ڪئي ڪنگهار،
تہ ٻئي مُلي جي ورد ۾، ڳاٺيٽي ۾ گهار،
ٻاٺي منهن ۾ گهنڊ گهٽو، ٻلي ڪيائين پُڪار،
تہ ڪاٺي خر خبيث وڏو وظيفي ۾ وار،
تنهن موالي، تي مار، مولا وجهندو سيگهڙو.

موالي

چيو موالي، تنهن ڪي، سڻي تنوار اِها،
تہ ملا ڳالهائين ڪهُرو، ڪهڙي ڳالهہ پلا،
هٿ مالها، دل دغا، توڪي نا زيبا،
ظاهر ذڪر ۾ رهين، باطن آہ جدا،
اسين مولائي، تون مُلو، هي حرف ٻروڙي ٻا،
انهيءَ ڳدڙ جي ڪوڪ ڪان، مُور نا رکون ڊا،
وحدت جي نشي ۾ ٿا رهون بيپروا،
هُت جنت ۾ جا، جُڙي اسان جي اکهين.

مُلو

چي، ڙي جنت جاءِ انهن جي، جي مرن منجهہ محبت،
ٻر پنگ پيو مست ٿين، رکي آهہ عِلت،
اصل تن اياڳن ڪي، لکيل هيءَ ذلت،
آذيءَ رات آٿڻ جي، آٿن نا خصلت،
ٻوڻن ٻهر ٻيٺڻ جي رکن ٿا عادت،
انهن افعالن البت، جهنم جايون تن جون.

موالي

چي، جهنم جايون تن جون، جن جي دل ۾ دغائون،
'ملا' جيشري جا 'الا'، تنهن لڻ چيائون،
لڻي ٻيا لب تي مولا نہ مائيائون،
ورد وظيفي وند تي، ڪوڏون ڪاميائون،

جو تابع ناهہ شرع جو، سو مرتد آهي مور،

نيڪ ڪمن ڪي اوڏڙو، بديءَ ڪان رهہ ڏور،
'ڪت ڪنبندي وت'، هي اٿئي مثل مشهور،
نڪي نفل نماز تي، سوڳيا ٿي مغرور،
"آلايمان بين الخوف و الرجا"، انهيءَ پر پروڙ،
حق بخشي تہ بدڪارن کي، اهڙو آهہ غفور،
جي ولي تہ نيڪن کي، غيرتمند غيور،
هلڻ سنئينءَ واٽ تي بہ، هرڪنهن لاءِ ضرور،
آڳا، 'لطف الله' کي پنهنجو بخش حضور،
ڪلمي ساڻ قصور، منهنجا مڙيئي معاف ڪرين!

لطف الله جي مٿين تصنيف، سنڌي ادب ۾ انفرادي مقام رکي ٿي. نظم کي پڙهندي، نہ فقط ظريفانہ رنگ نظر اچي ٿو، پر آن سان گڏ ناصحانہ پهلو بہ آهي. بيتن جي ترتيب ۾ اگرچ جاذبيت نہ آهي — جنهن جو سبب اهو آهي جو مضمون اهڙو خشڪ آهي، جو بيتن ۾ رنگيني پيدا ڪرڻ ڪان اڳ ۾ مضمون جي آدائگيءَ جو فڪر شاعر کي ڪرڻو پيو هوندو — آن هوندي بہ ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ بيتن کي پراثر بڻايو وڃي. هن نظم جو سڄو مضمون ٻن حقيقتن تي ٻڌل آهي: آهي آهن شريعت جو احترام ۽ آن جي تابعداري. 'حافظ'، زاهد جي فخر ۽ غرور ڪان ناراض ٿي فرمايو آهي:

زاهد غرور داشت، سلامت نبرد راه،
رند از رهِ نياز بدارالسلام رفت.

مگر سعديءَ فرمايو آهي:

خلاف پيمبر ڪسي ره گزيد،
ڪہ هرگز بمنزل نخواهد رسيد.

سعديءَ سچ فرمايو آهي تہ پيغمبر جي خلاف جو هليو، سو صراط المستقيم ڪان ڇڳو. پر هيءَ حقيقت آهي تہ فخر ۽ غرور وري اسلام ۾ ڪٿي روا آهي! لطف الله جي هيءَ نظم دلچسپيءَ ڪان خالي نہ آهي.

'بياض خادمي' ۾، هن نظم ڪان سواءِ، لطف الله جي ٻي تصنيف 'هرڻيءَ وارو معجزو' آهي، جو شاعر مخمس ۾ ترتيب ڏنو آهي. 'هرڻيءَ جي معجزي' کي ٻين سنڌ جي شاعرن بہ لکيو آهي، جن مان هيئيان مشهور آهن:

سندس شعر ۾ ڪي لفظ تغير ۽ تبدل سان آيل آهن، پر اُن مان سندس علم ۽ فضل تي ڪو بہ اثر نٿو پوي. اُن دور جي سنڌي شعراء عوام جي زبان کي برقرار ٿي رکڻ گهريو. هو لغت جي ماهيت ۽ لفظن جي صحيح تلفظ ڪان ضرور واقف هئا، پر عوامي زبان سان سندن زياده همدردي هئي؛ ان ڪري اڪثر شاعرن ۾ اهوئي طريقو مروج هو. بهرحال، هر دور جي پسنديدگي پنهنجي پنهنجي آهي.

مان مرحوم لطف الله جي ڪلام کي، جو بہ هٿ آيو اٿم، محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اگرچ ظاهر ۾ سندس ڪلام جي وڌيڪ ميسر ٿيڻ جي اُميد ڪانہ آهي، مگر شايد منهنجي هيءَ تحقيق سنڌ جي ڪنهن گوشي مان سندس ٻئي ڪلام کي بہ پيدا ڪري وجهي. جيڪڏهن ائين ٿي پيو، تہ گويا هڪ گم ٿيل خزانو حاصل ٿي ويندو.

ڊاڪٽر صاحب جي مخصوص لساني نظريي سان اختلاف هوندي بہ، مون تمهيد ۾ سندن علم و فضل ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي سلسلي ۾ سندن خدمتن لاءِ تحسين ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو آهي ـــ ۽ آءٌ هميشہ سندن شخصيت ۽ بلند ادبي مرتبي جو معترف رهندو آيو آهيان.

جڏهن تہ هرڪنهن جي راءِ پنهنجي پنهنجي مطالعي ۽ فڪر، قوت فيصلہ ۽ طريق استدلال، منطقي پختگيءَ ۽ مواد جي صحت ۽ صحيح انتخاب تي مبني ٿئي ٿي، تڏهن مون پنهنجي مطالعي آهر، پنهنجي اختلاف راءِ ظاهر ڪرڻ ڪي مصلحت بينيءَ ۽ نظرانداز ڪرڻ واريءَ خاموشيءَ ۽ پهلوتهيءَ تي ترجيح ڏيندي، ڪجهہ گذارشون پيش ڪيون، ۽ اهي 'مهراڻ' ۾ شايع ٿيون. انهن جي اشاعت کان پوءِ جناب ڊاڪٽر صاحب منهنجين گذارشن تي، "مختصر وضاحت" ۽ هڪ مقالي جي صورت ۾، تنقيد ڪئي. پر مون ڪي اها شڪايت ظاهر ڪرڻي پوي ٿي تہ جناب ڊاڪٽر صاحب جن منهنجن مضمونن مان فقط چند ڳالهين جي جواب ڏيڻ جي زحمت گوارا فرمائي آهي، پر ڪيئي مسئلا ۽ نظريا نظرانداز ڪري ڇڏيا اٿن. آءٌ اڳ ۾ عرض ڪري چڪو آهيان تہ هر اديب جي راءِ پنهنجي پنهنجي مطالعي جي بنياد تي قائم رهي ٿي، ۽ ان جي پس منظر ۾ هڪ مرڪزي نظرياتي ۽ تحقيقي سرمايو هوندو آهي، جنهن جو بنياد ڪن عالمگير علمي اصولن تي هوندو آهي؛ ان ڪري ڪنهن دليل کي محض "ذاتي راءِ" سڏي ان کي رد ڪرڻ، تنقيد ۽ جرح جي اصولن جي خلاف آهي.

علمي ۽ استدلالي، تحقيقي ۽ تنقيدي بحث ڪندي، راءِ يا دليل ڏيڻ کان اڳ، اهو بہ بيان ڪرڻ تہ اها راءِ ٻين ڪنهن پيش ڪئي، يا اها راءِ ڪهڙي زماني ۾ پيدا ٿي، يا اها آثار قديمہ وارن ڪهڙي شڪستہ مخطوطي تان پيتي ۽ ٿاهي پيش ڪئي آهي، سا ڳالهہ علمي طور ڪا صحيح حيثيت نٿي رکي. جيڪڏهن ڪا راءِ عقل سليم ۽ واضح دليلن جي بناءَ تي وزندار ۽ قاطع هجي، تہ پوءِ ان لاءِ مزيد روايتي ڪاوشن کي ڪهڙي سَنَد حاصل آهي؟ ۽ آخر روايتي سَنَدن کي هرويرو بوسيده اوراق مان چونڊڻ جي ضرورت بہ ڪهڙي؟ بهرحال، علمي ۽ منطقي دنيا ۾ ڪي اصول متعارف بہ آهن، پر ان سان گڏ مستثنيٰ جو وجود بہ باقي آهي، جنهن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. البت مضبوط تر عقلي ۽ علمي دليلن سان تقليدي ۽ سطحي روايتن ۽ فيصلن تي تنقيد ڪري سگهجي ٿي.

سنڌ جي جهوني تمدن بابت اهو نظريو تہ اهو تمدن سامي تمدن آهي، ان جو جيڪو علمي جائزو مون پيش ڪيو آهي، تنهن جي وڌيڪ آپٽار ڪرڻ آءٌ مناسب ڪونہ ٿو سمجهان، ڇاڪاڻ تہ آهو بحث ڪافي مفصل هو. ازانسواءِ، ان تمدن بابت اڃا ڪافي چيزون ـــ ٻولي، رسم الخط، قبيلن جي پرک ۽ باهمي نسبت، وقت ۽ زمانو ـــ تحقيق طلب آهن. جيئن تہ ان جي زبان کي اڃا پڙهيو نہ ويو آهي، تنهنڪري ان بابت وڌيڪ ڪجهہ چوڻ جو موقعو نهايت محدود آهي. باقي تمدن بابت، پنهنجي مضمون ۾ مون سنڌي تمدن جي سامي تمدن جي مٿان فوقيت جا جيڪي مثال، حوالا ۽ دليل ڏنا، ان متعلق دنيا جي هڪ مشهور معروف عالم

۽ علم الانسان جي ماهر جو تازه ترين بيان پڙهندڙن اڳيان پيش ڪريان ٿو. ان کي پيش نظر رکي، پڙهندڙ خود اندازو لڳائين تہ سنڌي تمدن کي سامي تمدن سڏڻ وارو نظريو ڪيتريقدر درست آهي.

ڊاڪٽر نوح ڪريمر (Dr. Noah Kramar) آمريڪا جو هڪ مشهور عالم ۽ سميري تمدن جو وڏو ماهر سڄيو وڃي ٿو. سندس تصنيفون جڳ مشهور آهن ۽ سر جان مارشل جهڙن عالمن جي صف ۾ سندس شمار ٿئي ٿو. هو صاحب پينسلوينيا يونيورسٽيءَ جي عجائب گهر ۾ "سميريالاجسٽ" يعني سميري تمدن جو ماهر مقرر ٿيل آهي. هو تازو (ڊسمبر ١٩٦٠ع ۾) پاڪستان ۾ انهيءَ مسئلي جي کوجنا لاءِ آيو هو تہ سنڌو سيپتا، يعني موهن جي دڙي واريءَ تهذيب، ۽ سامي تمدنن ۾ ڪهڙو تعلق آهي. هن صاحب جو چوڻ آهي تہ سميري تمدن ۾ جيڪي مٽيءَ جي تختين تي لکيل اهڃاڻ آهن، انهن مان ثابت ٿو ٿئي تہ اتي جا ماڻهو ڪنهن اهڙي تمدن کي "دِلمُون" (Dilmun) سڏيندا هئا، جو سندن اوڀر پاسي ڏانهن هو، ۽ جنهن لاءِ هنن جي دلين ۾ ساراهہ ۽ عقيدتمنديءَ جا جذبات هوندا هئا. ڊاڪٽر ڪريمر جو خيال آهي تہ اهو اشارو موهن جي دڙي جي تهذيب ڏانهن آهي. انهيءَ 'دلمون' واري نظريي لاءِ اجهو هو هيئن ٿو چوي:

"سميري تهذيب ١٨٠٠ کان ٣٠٠٠ قبل مسيح جي تهذيب آهي. ان تهذيب جو ادب (جو مٽيءَ جي تختين تي لکيل آهي) اٽڪل ١٨٠٠ ورهيہ قبل مسيح جو آهي. ان ادب ۾ 'دلمون تهذيب' لاءِ چيل آهي تہ 'اهو ملڪ، جو سمير جي اوڀر ڏانهن آهي، ۽ جتان پيڙين جي ذريعي گهڻو ڪجهہ هت اچي ٿو — اهو مقام، جتان سج اڀري ٿو، ۽ اهو بهشت آهي، جتي نہ ڪو مريض آهي، نہ ڪي بيواهون آهن، ۽ نہ ڪي يتيم ٻار آهن! دنيا جا سمورا ڏيهہ دلمون ڏيهہ ڏانهن پنهنجا خزانا موڪلين ٿا.'"

ڊاڪٽر ڪريمر چوي ٿو تہ "ان ڳالهہ جو پختو ثبوت موجود آهي تہ 'ار' ۽ 'سمير' ڏانهن عاج جون شيون 'دلمون' کان اينديون هيون، ۽ سنڌو درياءَ واري تهذيب انهيءَ ساراهہ ۽ تحسين جي برابر ۽ بجا طور لائق ۽ مستحق آهي. سمير جي اوڀر ۾ ٻي ڪابہ اهڙي تهذيب ڪانهي، جا انهيءَ ساراهہ سان ڪنهن بہ طرح منسوب ٿي سگهي. اهو تہ اڳي ئي ثابت ٿي چڪو آهي تہ سنڌو تهذيب جو واپار خشڪي توڙي سامونڊي رستن ذريعي 'سمير'، 'ار' ۽ 'سوسا' سان هلندو هو. هت عاج تمام گهڻو موجود هو، ۽ ان جو ثبوت موهن جي دڙي جي عاج جي ڪيتري سامان ۽ مهرن تي هاٿين جي مورتن مان پڻ ظاهر ٿئي ٿو."

ڊاڪٽر ڪريمر اڳتي هلي اهو بہ ٻڌايو آهي تہ "سنڌي تهذيب جون اٽڪل ٻہ مُهرون سمير ۾ لڌيون آهن، ۽ موهن جي دڙي ۽ هڙپا مان ڪي سميري شيون پڻ لڌيون آهن. اهو ڏيکاري ٿو تہ انهن ٻنهي تهذيبن جي وچ ۾ تجارتي ۽ تمدني رابطو هو."

واچو، ويدّيہ = ويچ]؛ ”رّيہ“ (ر ساڪن) کي ’ج‘ ۾ مٽايو ويو [مثال: تاتپرّيہ = تاتپرج، سوريہ=سورج، اشچريہ=اچرج]؛ ۽ ”تسيہ“ (ت ۽ س، ٻئي ساڪن) کي ’ڇ‘ ۾ بدلايو ويو [مثال: متسيہ=مڇي]؛ وغيره.

انهن مثالن ۾ هڪ مرڪزي اصول اهو آهي تہ سنسڪرت جي ’يہ‘ مختلف صورتن ۾ ’ج‘ ۾ بدلجي وڃي ٿي، ۽ انهيءَ ۾ وچ ۽ آخر ۽ شروع جي ڪابہ بندش ڪانهي. ٻر انهيءَ اصول جو تعلق اکرن جي هڪ گروهہ سان ئي آهي. ’يہ‘ جڏهن ٻين ساڪن حرفن سان گڏ بيهي ٿي، تہ انهن جا وچان ئي ٻيا اچار بنجن ٿا. ٻر ”اچرج“ ۽ ”سورج“ ۾ اهو ئي اصول ڪارفرما آهي، جيڪو لساني اعتبار ڪان هڪ مڃيل خصوصيت آهي.

١٢. ضميرن مان ”آءُ“ متعلق ڊاڪٽر صاحب جن جيڪو بحث ڪيو آهي اهو تسلي بخش ڪين آهي. بقول هڪ عالم جي، ”ڪنهن بہ صحيح ڳالهہ کي تسليم ڪرڻ ۾ تہ علمي ماڻهن وٽ ڪنهن بہ قسم جو عار هئڻ نہ گهرجي.“ مگر افسوس تہ ان بحث کي بہ هروڀرو طول ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. ”آءُ“ کي ”آنا“ (عربي) سان ملحق ڪرڻ وقت ٻنهي لفظن جي صورتخطي تہ ضرور خيال ۾ رهئي آهي، ٻر انهن جي آوازن، اچارن ۽ صوتي اثرات جي فرق کي قطعاً نظرانداز ڪيو ويو آهي. ”انا“ ۾ جيڪو ’ن‘ آهي سو متحرڪ آهي، ۽ ’آءُ‘ جي اچار ۾ ’ن‘ غنون آهي. البت عربيءَ ۾ ’ن‘ غُني جو اچار ڪڏهن ڪڏهن ’م‘ تنوينن واري ۾ بہ ملندو آهي، ٻر ’ن‘ متحرڪ جهڙي ثقيل حرف جي حذف ٿي وڃڻ جو مثال لسانيات ۾ ملڻ مشڪل آهي.

’هہ‘ جو ’آ‘ ۾ بدلجڻ هندستاني پراڪراتن ۾ عام اصول آهي. وسرگ اکرن (sonant aspirates) کي اوسرگ (dis-aspirate) ڪرڻ هڪ عام خصوصيت آهي، جنهن ۾ ’هہ‘ جو اچار ئي نڪري ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ بہ اهو اصول ملي ٿو. ’اوهين‘ کي ’اوين‘ يا ’آئين‘ ڪرڻ جو مثال ئي ڪافي آهي. شاهہ بہ اهو استعمال ڪيو آهي:

”آئين جي ورن واريون، سرتيون سڏڙيون.“

يا ’ڪالهہ‘ کي رڳو ’ڪال‘ چوڻ، انهيءَ خصوصيت جو مثال آهي — جيئن شاهہ چيو: ”ڪال گڏيوسين ڪاڙي... الخ.“ ان اصول جي پيش نظر، مون ’هنئون – ائون – آئون – آءُ‘ جي تبديلي بيان ڪئي هئي، ۽ اهو ٻڌايو هوم تہ ان جو اصل لفظ سنسڪرت ”اهم“ آهي. تعجب آهي تہ خود ڊاڪٽرصاحب جن جي زير هدايت تيار ٿيل ”جامع سنڌي لغات“ (سنڌي ادبي بورڊ) جا تازو شايع ٿي آهي، اها بہ منهنجي بيان ڪيل راءِ جي تصديق ۽ تائيد ڪري ٿي. نہ معلوم چو، ان کي بہ نظرانداز ڪيو ويو ٿو ڏسجي. هت آءُ سندن ئي لغات مان ’آءُ‘ جي مختلف صورتن جي اشتقاقن جا مثال ڏيان ٿو:

(١) ص ٧٦:

آنءُ: ضمير. [پرا. آم، آيم؛ سن. آهم=آئون] آئون، مان... (’آنءُ‘ بمعنى ’اوهان‘ لاءِ انهيءَ لغت ۾ آهي) آنءُ: [سن – يُشمان] – اوهان

(٢) ص ٨٩:

آءِ (آئون): ضمير. [سن. آهَم، آيَم] آئون ـ مان......

(٣) ص ٨٩:

آئون ۽ اسين: ضمير [پرا. هَئون؛ سن. آهَم ـ آيَم] مان ـ سون، آءِ.

اهي آهن اشتقاق يا ڌاتو، جيڪي "جامع سنڌي لغات" ۾ ڊاڪٽر صاحب جن جي زير هدايت ڏنا ويا آهن، جن کي خود ڊاڪٽر صاحب جن جي سند حاصل آهي، ۽ يقيناً لساني اعتبار کان انهن صحيح سمجهي درج ڪيا ويا هوندا. منهنجو گناهه اهو آهي ته مون هوبهو اِهوئي عرض ڪيو هو، ۽ پراڪرت 'هنئون' جي منجهه جا دليل به ان بنياد تي ئي ڏنا هئم. عجب اهو آهي ته غلط ته منهنجي ئي فيصلي کي قرار ڏنو ويو آهي ٿو، حالانڪ "اين گناهي ست ڪه در شهر شما نيز ڪنند"!

١٣ـ ضميري پڇاڙين لاءِ عربيءَ جو پاڻ جيڪو مثال ڏنو اٿن، اهو مبهم ۽ غيرفني آهي. مون جڏهن اهو ثابت ڪيو آهي ته سنسڪرت ۾ ضميري پڇاڙين جو نظام قائم آهي، ۽ سنڌيءَ جون پڇاڙيون به هوبهو ساڳيون آهن ۽ سندن معنيٰ ۽ بيهڪ به ساڳي آهي، ان هوندي به ائين چوڻ ته اجهو اهي عربيءَ جون پڇاڙيون موجود آهن ـــ ته اهو ڪو دليل ڪونهي. جيڪڏهن ضميري پڇاڙيون اسان وٽ عربيءَ کان آيون ته اسان عربيءَ جي بدران سنسڪرت جون ضميري پڇاڙيون، بلڪل ساڳئي نظام سان ڇو اختيار ڪيون؟ لساني اصولن جي بنياد تي به ڀن مختلف گروهن جي ٻولين ۾ اهڙي يڪسانيت واريءَ نحوي ڏي ـ وٺ جو ڪو به مثال ڪونه ملي سگهيو آهي ـــ ۽ ان ڪري ئي چئجي ٿو ته سنڌيءَ جي ضميري پڇاڙين ۾ عربيءَ جي ضميري پڇارين کي يقيناً ڪو به دخل حاصل ڪونه آهي.

آخر ۾ آءٌ وري به اها گذارش ڪندس ته ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ تحقيق لاءِ فني ۽ علمي رستو فقط اهو نه آهي ته رڳو پراڻا ۽ بوسيده ورق ورايا وڃن ۽ جديد لسانياتي تحقيق کي قطعاً نظرانداز ڪري ڇڏيون. مناسب آهي ته اسين جديد علم جي روشنيءَ ۾ پڻ تفتيش ڪريون، ۽ ٻولين جي باهمي ڏي ـ وٺ کي به انهن حدن تائين ثابت ڪريون، جن حدن تائين اها ڏي ـ وٺ لساني اصولن جي بنياد تي علمي ۽ فني طور متحقق ۽ ثابت ٿي سگهي. ازانسواءِ، علمي ڪوجنا ۽ تحقيق ۾ ڪنهن به قسم جي ذاتي رنجشن کي پڻ دخل انداز ٿيڻ نه ڏيون ته بهتر.



# "مهراڻ" جا موتي

● "الله پنهنجي بندي جي مدد ۾ تيستائين رهي ٿو، جيستائين بندو پنهنجن ڀين ڀائرن جي مدد ۾ رهي ٿو."— حضرت محمد صلعم.

● "مومن ڪڏهن به طعنا ڏيندڙ، لعنت ڪندڙ، بدگو ۽ زبان دراز نه ٿيندو آهي."
— حضرت محمد صلعم

● "جسم جو فانوس آهي اک: تنهنڪري، جيڪڏهن اوهان جي اک پاڪ ۽ صاف هوندي، ته اوهان جي ساري وجود ۾ سوجهرو ئي سوجهرو هوندو: پر جيڪڏهن اوهان جي اک ئي خراب هوندي، ته اوهان جو سارو وجود اونداهو هوندو: تنهنڪري، جيڪڏهن اوهان جو وجود اونداهو آهي، ته خيال ڪريو ته اوهان جي اونده ڪيڏي نه گهري هوندي!"
— حضرت عيسيٰ عليه السلام

● "اوهان مان جنهن وٽ ٻه ڪوٽ آهن، سو هڪ ڪوٽ انهيءَ کي ڏئي، جنهن وٽ هڪ به نه آهي: ۽ جنهن وٽ کاڌو آهي، سو به ائين ڪري."— حضرت عيسيٰ عليه السلام

● "محنت هر انسان جو بنيادي فرض آهي: جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجو بار به ٻين جي ڪلهن تي رکي، ته انسانذات لاءِ اِها هڪڙي وڏي ۾ وڏي ۽ دائمي ملامت سمجهڻ کپي."
— ابراهم لينڪن.

● "پورهئي کي عذاب نه، بلڪ زندگيءَ جي ولدرائيندڙ سرگرمي سمجهڻ کپي."
— ٽالسٽاءِ.

● "دنيا ۾ ڪُل ڪيترا جيت آهن، يا سج ۾ ڪهڙي قسم جا داغ آهن،— اِنهن ڳالهين جو معلوم ڪرڻ، ۽ ناول خواهه سنگيت-ناٽڪ لکڻ ته ڏاڍو سولو ڪم آهي: ان ڪم ۾ ڪا به تڪليف ڪانهي: پر عام ماڻهن کي سندن عام ڀلائي سيکارڻ (جيڪا خود قربانيءَ ۽ خلق جي خدمت ڪرڻ ۾ ئي لڪل آهي)، ۽ اِنهيءَ علم کي پوريءَ طاقت سان بيان ڪرڻ، ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي: اهو ڪم تڪليفن ۽ عذابن سهڻ کان سواءِ بنهه ناممڪن آهي."
— ٽالسٽاءِ.

● "حق جي تلوار ڪڏهن به مُڏي نه ٿيندي آهي. سچ بهترين راهه، ۽ علم بهترين رهنما آهي." — حضرت علي رضه

● "سچي سوڀ نوڙت ۽ نرمائيءَ ۾ آهي."— مهاتما گانڌي.

● "جيڪي ڪجهه ڪريو، سو دل جان سان ڪريو. مون هڪ سنياسيءَ کي ڏٺو، جيڪو پنهنجا برتن به اهڙي چاهه سان صاف ڪري چمڪائيندو هو، جيڏي چاهه سان هو ڏئيءَ جي بندگي ڪندو هو."— سوامي وويڪانند.

● "دنيا ۾ سمورا بهترين قول ۽ اصول موجود آهن: اسان کي فقط انهن تي عمل ڪرڻو آهي."— پشڪن.

"تنهنڪري، آءٌ پنهنجي سوال —'نيٺ ڇا ڪجي؟'— جا هيٺيان جواب معلوم ڪري سگهيو آهيان:

"(١) پاڻ سان ڪڏهن به ڪوڙ نہ ڪريان، ۽ سچ چوڻ کان ڪڏهن بہ نہ ڊڄان — ڀاڳي ڪوڙ جي واٽ تي ڪيترو بہ پري نڪري ويو هجان؛

"(٢) پنهنجي پاڪائيءَ ۽ ٻين عام ماڻهن کان مٿيرو ڀيهاريندڙ خاصيتن توڙي خاص رعايتن ۾ رکيل اعتقاد کي ترڪ ڪريان، ۽ پنهنجيءَ هر تڪليف جو باعث پاڻ کي ئي سمجهان؛ ۽

"(٣) انساني زندگيءَ جي ازلي ۽ ڪنهن بہ شڪ شبهي کان پاڪ ۽ صاف قاعدي، 'جسماني پورهيو ڪرڻ'، جي پيروي ڪريان، پنهنجي ڀرپور وجود سان 'محنت' ڪريان، ۽ خود پنهنجي ۽ ٻين عام انسانن جي زندگيءَ کي دائم قائم رکڻ لاءِ قدرت سان جد وجهد کي جاري رکان."

[نورالدين سرڪيءَ جي ترجمي ڪيل، ليئو ٽالسٽاءِ جي ڪتاب "نيٺ ڇا ڪجي؟" مان اقتباس؛ ڇپائيندڙ اقبال احمد آگرو، حيدرآباد، سنڌ.]



”علم جو دٻدٻو سيني عظمتن کان مٿي آهي. ان جي جاهه ۽ جلال جي اڳيان پيا سڀ جاهه ۽ جلال هيچ آهن. ظالم جڏهن پاڻ کان وڏيڪ ڪنهن ٻئي شخص ۾ علم ڏسي ٿو، تڏهن اداس ٿي وڃي ٿو ۽ پاڻ کي ان جي مقابلي ۾ تمام گهٽ درجي جو ماڻهو سمجهي ٿو. اهوئي سبب آهي جي هو پاڻ کان وڏي عالم جو منهن ڏسڻ به گوارا نٿو ڪري سگهي. ضرورت وقت جيڪڏهن هو ڪنهن فنڪار ۽ عالم ڏانهن رجوع ٿو ڪري ته نهايت خوشامدي، ذليل النفس ۽ ڪميڻي فنڪارن کي ٿو چونڊي، ۽ پوءِ انهن مان پنهنجو مطلب ٿو ڪڍي. ياد رکو ته جيڪڏهن ڪو اهڙي قسم جو ظالم ڪنهن جي عزت افزائي ٿو ڪري، تڏهن سمجهو ته انتها درجي جي ڪنهن خطرناڪ قدم کڻڻ لاءِ هو سوچي رهيو آهي!“ — ڪائونٽ